# مهراڻ

جلد ٣٥] ١٩٨٦ع [نمبر ٤



عالمي امن سال — ١٩٨٦ع

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو/حيدرآباد سنڌ



P-1045
24.2.87

LIBRARY,
Institute of Sindology
University of Sind Jamshoro Sind

بسم الله الرحمن الرحيم

# اديبن ۽ صحافين کي سڏ

از

## جناب سيد غوث علي شاهه

## وزير اعليٰ سنڌ

حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جا تازا واقعا هر لحاظ کان الم انگيز ۽ افسوسناڪ هئا ۽ اسان مان شايد ئي ڪو اهڙو هجي، جنهن انهن واقعن جو ڏک ۽ تڪليف محسوس نه ڪئي هجي ۽ ان ذهنيت کي ڌڪار جي لائق نه سمجهيو هجي، جا هن قومي الميي جي پس پرده ڪارفرما رهي آهي ۽ جا اسان جي قومي اتحاد کي منتشر ڪرڻ جي پويان رهندي اچي ٿي ۽ پنهنجي ان مذموم مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوبه موقعو هٿان وڃائڻ نٿي ڏئي. انهن اندوهناڪ واقعن جي، قومي سطح تي پڻ مذمت ڪئي ويئي آهي ۽ اعليٰ سطح تي ڳالهين ٻولهين لاءِ متاثرين جي ڏک درد ۾ شريڪ ٿيڻ خاطر وزيراعظم پاڪستان جناب محمد خان جوڻيجي ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد جو دورو ڪيو. ان کان سواءِ، هي فيصلو ڪيو ويو ته واقعن جي سنگين نوعيت جي پيش نظر انهن جي تحقيقات ۽ تدارڪ جي قدمن کڻڻ لاءِ هاءِ ڪورٽ جي هڪ جج جي سربراهيءَ ۾ هڪ ٽربيونل قائم ڪيو وڃي. اهو ٽربيونل هاڻي قائم ٿي چڪو آهي ۽ پوري توقع ڪري سگهجي ٿي ته ان جي رپورٽ جي روشنيءَ ۾ موثر قدم کنيا ويندا، جيئن آئنده هميشه لاءِ اهڙن الم انگيز واقعن کي پنجو ڏيئي سگهجي.

ليڪن، هن سلسلي ۾ هڪ ڳالهه اسان کي ياد رکڻ کپي، ته اهڙا افسوسناڪ واقعا اسان جي زندگي ۾ هڪ وڏي خرابي ۽ ڪمزوري جي نشاندهي ڪن ٿا، ۽ ان خرابي کي دور ڪرڻ ۽ ان ڪمزوري کي ختم ڪرڻ جي لاءِ معاشري جي سمورن فردن کي پنهنجي فرض کي سمجهڻ ۽ پنهنجين ذميوارين کي پورو ڪرڻو پوندو ۽ معاشرتي شعور کي مثبت انداز ۾ بيدار ڪرڻ ۽ ان جي تحت قوم کي راهه عمل ڏيکارڻ جي ذميواري، خاص طرح سان اسان جي اهلِ عمل و دانش ۽ اهلِ قلم ۽ صحافين تي عائد ٿئي ٿي. حقيقت اها آهي ته اهڙا اندوهناڪ واقعا

سڀني قومن کي متحد ٿي امن لاءِ ڪوششون ڪرڻ گهرجن. اسين هڪ گڏيل روشن مستقبل انهيءَ صورت ۾ حاصل ڪري سگهون ٿا، جڏهن اسين موجوده گڏيل بحران جو مقابلو متحد ٿي ڪريون ۽ امن جي عمارت جو بنياد گڏيل تحفظ تي رکون. اسين بين الاقوامي سهڪار جي وسيع تر معاهدي جي اپيل ڪريون ٿا. گڏيل قومن جو ادارو انهيءَ سهڪار جو عالمي وسيلو آهي، تنهن ڪري اسين انهي اداري ۽ ان جي ماتحت ادارن جي حمايت جو عهد ڪريون ٿا.

اسان کي ان ڳالهه جو احساس آهي ته اسان جي رستي ۾ زبردست مشڪلاتون آهن، اسان کي پروسو آهي ته امن حاصل ڪرڻ لاءِ عوام جا عزم ۽ ارادا ضرور ڪامياب ٿيندا.



صدر مملڪت، جنرل محمد ضياءالحق، قومي سيرت ڪانفرنس (۲۴- نومبر ۱۹۸۶ع، اسلام آباد) جي موقعي تي، سنڌ جي مشهور اديب ۽ شاعر الحاج رحيم بخش "قمر" کي، سنڌي زبان ۾ حيات طيبه جي موضوع تي سنڌس لکيل ڪتاب "سيرت خاتم الانبياء" تي پنج هزار رپيا انعام ۽ سَنَد ڏيئي رهيو آهي.

# مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ جو سه ماهي علمي ۽ ادبي رسالو

جلد ۳۵] [نمبر ۴

آڪٽوبر، نومبر ۽ ڊسمبر

۱۹۸۶ع

---

•

نگران

**علامه غلام مصطفيٰ قاسمي**

**ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو**

**معمور يوسفاڻي**

•

ايڊيٽر

**نفيس احمد شيخ**

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو/حيدرآباد سنڌ

# مـهـراڻ

سنڌي ادبي بورڊ

اسٽيشن روڊ، ڄامشورو، سنڌ

The "MEHRAN", Quarterly
Vol: 35, No: 4, 1986.
[Established in 1955]

- An age old leading journal of scholarship in Sindhi language, acknowledged in all literary circles of Pakistan.
- Published by SINDHI ADABI BOARD for the development and promotion of Sindhi language and literature.
- Contemporary Creative literature, History, Civilization, Lexicography, Education, Music, Folklore, Archaeology and General Culture of Sind are the main topics of material usually published in this periodical.
- Besides translations of world literature are also presented.
- All correspondence about publication be addressed to:
  Nafees Ahmad Shaikh
  Editor 'Mehran', Quarterly,
  Sindhi Adabi Board,
  @ Jamshoro, Via: Hyderabad, Sind, Pakistan.
  Tel: (0221) 71176
- Can be had from:
  Manager Book stall
  Sindhi Adabi Board, Tilak Incline, Hyderabad, Sind.
  Tel: (0221) 24264

خريداريءَ لاءِ خط و ڪتابت

مئنيجر بوڪ اسٽال

سنڌي ادبي بورڊ، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد (فون: ۲۴۲٦۴)

ساليانو چندو: ۷۵-۰۰ رپيا      في ڪاپي: ۲۰-۰۰ رپيا

Printed & Published by Mr. Ghulam Rabbani A. Agro
at the Sindhi Adabi Board's Printing Press, Hyderabad Sind.

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

## مقالا


| | | |
|---|---|---|
| ١- رسالي جي جامع مستند متن لاءِ صورتخطي | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | ٤١ |
| ٢- سنگيت، ساز سرود ۽ سنڌي ثقافت | ڊاڪٽر غلام علي الانا | ٥٢ |
| ٣- قلمي نسخا | ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو | ٦٤ |
| ٤- چشتي سلسلو | ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي | ٧٥ |
| ٥- "سنڌي رسالي" جي ترتيب ۽ ان جو پس منظر | الياس عشقي | ٩٣ |
| ٦- ڪردار ۽ سيرت سازي جي تعليم و تربيت | ڊاڪٽر گل حسن لغاري | ١٠٧ |
| ٦- ادب ۾ ترجمن جي اهميت | ولي رام ولڀ | ١١٣ |
| ٨- سنڌي ۽ براهوئي زبانن جو تقابلي جائزو | عزيزالله عزيز بروهي | ١٢٠ |


## ڪهاڻيون


| | | |
|---|---|---|
| ١- مريم | قاضي خادم | ١٢٩ |
| ٢- ڇوڪرن واريون ڪيون ۽ مڙسڪن وارا چهرا | ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ | ١٣٥ |
| ٣- اڌوري تصوير | انيس انصاري | ١٤٠ |
| ٤- اندر جا اڌما | افروز شورو | ١٤٣ |
| - تبصرا | | ١٤٩ |
| - خبرنامو (ڊاڪٽر شمل جي ڪتاب جي تقريب رونمائي) | | ١٦٠ |
| - ٢٤٢ عرس، حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح (خصوصي رپورٽ) | نفيس احمد شيخ | ١٦٢ |


قرآن ڪريم جون مقدس آيتون ۽ نبي ڪريم جون حديثون توهان جي ديني معلومات ۾ اضافي ۽ تبليغ لاءِ شايع ڪيون وڃن ٿيون. انهن جو احترام توهان جو فرض آهي. ان ڪري جن صفحن تي اهي آيتون هجن، تن کي صحيح اسلامي طريقي مطابق بي حرمتي کان محفوظ رکيو وڃي.

ماڪ م ڀانئيو ماڻهئا، پيئي جا پرڀات،
روئي، رڙي رات، ڏسي ڏکوين کي.

— مخدوم نوح رح

# شاعريءَ جو ڀاڱو

جڏهن سنڌ ۾ شاعريءَ جي شروعات ٿي، تڏهن اهو اعتقاد عام ٿي چڪو هو ته حقيقي محبوب اهو خدا آهي، جنهن انسان کي حسين بنائي خلقيو ۽ انسانن ۾ انسان ڪامل ۽ مولا جو سڀني ۾ سهڻو محبوب نبي صلعم آهي، جنهن جي نُور ۽ جمال جي ورڇ ڪائنات جي هر شيءِ کي ملي. سنڌ جي سليم الطبع شاعرن نبي صلعم جي معياري حُسن واري عقيدي ۽ تخيل کان متاثر ٿي، سنڌي سينگار شاعريءَ ۾ مجازي حُسن جي تعريف جو رخ انهيءَ حقيقي ۽ معياري حُسن ڏانهن موڙيو. هندي سينگار رس شاعري محض مجازي دائري ۾ محدود هئي، مگر 'سنڌي سينگار شاعري' مجازي منزل طئه ڪري حقيقت ڏانهن مائل ٿي. 'سنڌي سينگار' جي اڪثر شاعرن، بطور آخري مقصد جي، نبي صلعم کي پنهنجو حقيقي محبوب ڪري ڄاتو، ۽ نبي صلعم جي سونهن کي ئي معياري حُسن ڪري ڄاتائون. انهيءَ نظريي ۽ خيال جي زير اثر 'فن سينگار' کي عام طور 'نبي صلعم جو سينگار' ڪري تسليم ڪيو ويو. اڄ تائين سنڌ جي ماڻهن وٽ 'سينگار' جي تعريف 'نبي صلعم جو سينگار' آهي، يعني اهي بيت، جن ۾ نبي صلعم جي معياري حُسن کي مجازي رنگ ۾ ڳائجي.

--ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

("سنڌي سينگار شاعري": ص ٧٥-٧٦)

## مخدوم محمد زمان "طالب المولیٰ"

●

وعدو ڪجي تہ پوءِ اهو خوب پارجي،
هر ڪار خير ۾ ڪڏهن همت نہ هارجي.

اي رشڪِ خوبرويان صنم چشمِ شرمگين،
هڪ پيروني سهي ڪٿي هيڏهن نهارجي.

هن نامِ نامي جون ڏئي لوليون هزار بار،
هن بيقرار قلب کي هر هر قرارجي.

اي شيخِ شهر صاحبِ زهدِ ريا کي خوب،
اي ساقي رشڪِ ماه هتڻ سان پيارجي.

جنهن کي تو ساري عمر رکيو دور پاڻ کان،
ڪنهن وقت بار تنهن کي بہ ويجهو وهارجي.

عشوه گري سان روز ٿو محبوب مارين تون،
ڪرڪو قياس هاڻ تہ ساري جيارجي.

هجر و فراق واري ڇو هر هر ڳالهہ ڪجي،
وصلِ صنم جو وقت نہ ڪڏهين وسارجي.

البيلايون ۽ عشوه گريون ڪر سدا صنم،
ڪڏهن نہ ڪڏهين مون کي بہ سهڻا سنڀارجي،

وڃي عمر بار گذري پري کان ڏسي ڏسي،
هاڻي تہ منهنجا جاني ڪو ڏينهن گذارجي.

موچارا محب "طالب المولیٰ" تان هٿ نہ کڻ،
هر روز پاڻ ويجهي کان ويجهو وهارجي.

## تنوير عباسي

●

لڳائي اٿئين تون پرفيوم قيمتي ليڪن،
جي گل تو آندا انهن جي سڳنڌ وٺي ڏڪجي.

مون پنهنجو درد نه چرچي ۾ ٿي لڪائي ڇڏيو،
مگر تون مون کي ڏسي ڇو ڀلا پئين رُنئي.

اچڻ ٿي چاهين تڏهن ٻي سگهين ٿي ڪين اچي،
پڌام پيار کان وڌ آهي ڪهڙي مجبوري.

زماني شور ڪيو ٿي مگر مون ڪجهه نه ٻڌو،
ٻڌي ٿي تنهنجي اکين جي خموش ڳالهه ٻڌي.

مون تنهنجي پير تري ٿي ڪئي هئي ڪنڊائي،
۽ ڪن ۾ تنهنجي وڏائي سچي وٺي وڪري.

ٻڌا يان جڳ کي ته بدنام ٿي وڃين شايد،
جا ڳالهه مون سان ڪندي آهي تنهنجي خاموشي.

## امداد حسيني

### نظم

اسان جي عشق تي ٿوائون روز روز نيون،
اسان جو سر نه ڪڏهن رهندو تهمتن کان جدا.
قدم قدم هئي سوري مگر ڪڏهن به نه ٿيو،
اصيل عشق جو احساس الفتن کان جدا.
سڄن کي قتل ڪيائون مگر ڪري نه سگهيا،
خلوص سند طبيعت صداقتن کان جدا.

اوهان جي هٿ ڪان جڏهن ڪان ويو ڇڏائجي هٿ،
تہ زندگيءَ کي ملي ٿو قدم قدم تي ماتم.
نہ ڪوبہ گيت ٿو ڳائي نہ ڪوبہ مُرڪي ٿو،
حيات آهي سترنئي ستم ۽ غمرنئي غم.
نہ ڪٽي رات ڪٽي ۽ نہ ڪو ٿو ڏينهن اچي،
اچيا اچيا ٿا رهن گُل، وسي نٿي شبنم.

گلن جي مُرڪ بهارن ۾ قتل ٿيندي رهي،
ڪري سگهيا نہ ڪڏهن گل کي نڪهتن ڪان جدا.
قدم قدم تي کڙيون ٿيون هزار ديوارون،
ڪري سگهيو نہ ڪڏهن ڪو محبتن کي جدا
اسان جي هٿ جون لڪيرون بہ ساڳيون آهن،
هي فاصلا نہ ڪندا پنهنجي قسمتن کي جدا.

اسين تہ پاڻ نئي سج آهيون ۽ پاڻ نئي چنڊ،
اندهيرا پل تہ رکن روشنيءَ کي قيد ڪري.
هلي سگهيو نہ جهان جو جڏهن بہ حسن تي وس،
لڏيءَ جي پار رکيون عاشقيءَ کي قيد ڪري.
ڪٽي ٿا لوهہ جا در سڀ سنگهنڌ کي روڪين،
رکي سگهن تہ رکن زندگيءَ کي قيد ڪري.

اسين تہ آهيون هڪ ساهہ جا ٻہ جاڙا پٽ،
اسان جو ساهہ بہ هڪ ۽ اسان جو چاهہ بہ هڪ.
ڏايون ٻہ ساڳي انداز ۾ پيون ڌڙڪن،
اسان جا گيت بہ ساڳا اسان جي آهہ بہ هڪ
اسان جو ماڳ بہ ساڳو اسان جي راهہ بہ هڪ،
اسان جو ساڳيو مقصد، اسان جو ”شاهہ“ بہ هڪ.

عبدالقيوم "صائب"

## غزل

هن جو ٻيڙو ڇڏ اڪاري، ڪجهه نه ڪج،
پنهنجو ماضي ڇڏ وساري، ڪجهه نه ڪج.

زندگيءَ جي لهر تي اکري ته ڏس،
پنهنجي هستي پاڻ ساري، ڪجهه نه ڪج.

ڪو گذشته واقعو اڀري ڪري،
ياد توکي ڪا ڏياري، ڪجهه نه ڪج.

ڪنهن جي ڏسندي، دل مان اڌمان ٿا اٿن،
ناز مان جي گل نهاري، ڪجهه نه ڪج.

ڪنهن طرح سان حسن جو شعلو ڏکي،
دل جي مشعل کي جي ٻاري، ڪجهه نه ڪج.

پاڻ کي ڏس، هن جي فطرت کي نه ڏس،
قول پنهنجو وي نه پاري، ڪجهه نه ڪج.

تنهنجي حق ۾ فيصلو ڪهڙو ڪندا،
دل ۾ قاضي خود وهاري، ڪجهه نه ڪج.

تنهنجي دلبر کي اچا تنهنجي خلاف،
جڳ سڄو پل پيو اپاري، ڪجهه نه ڪج.

تنهنجي شيءِ تنهنجي ئي آهي، ڊپ نه ڪر،
ربّ توکي ٿو ڏياري، ڪجهه نه ڪج.

تنهنجي مالڪ جو ڪرم ڇٻو اهو،
خود ٿو طوفان کي وهاري، ڪجهه نه ڪج.

دل نه لاهڻ ڪنهن طرح "صائب" ڪمي،
توکي تنهنجو ڪين وساري، ڪجهه نه ڪج.

شبير "هاتف"

●

مصحفِ رخ جون آيتون ساڳيون،
عاشقن جون تلاوتون ساڳيون.

نازڪن جون نزاڪتون ساڳيون، ۽ اسان جون به ليتون ساڳيون.
آهه ساڳي فصاحتون ساڳيون، هر ڪٿي تنهنجون شفقتون ساڳيون.
دشمنن تي عنايتون ساڳيون، دوستن جون شڪايتون ساڳيون.
رند ساڳيا ازل کان ساڳي اڄ، دستِ ساقي ۾ برڪتون ساڳيون.
ڪئين پياسا سڪن ٿا سرڪي لئي، هر اسان سان رعايتون ساڳيون.
اڄ به مرڪي نهاري هليو وئين، مون تان گذريون قيامتون ساڳيون.
هُت بدستور مشقِ جور و ستم، هِت بدستور فرحتون ساڳيون.
منهنجا چپ برف کان ٿڌا ساڳيا، تنهنجي ڳل جون تمازتون ساڳيون.

عنايت بلوچ

●

او
محب مٺا منٺار،
مٺا يار!
ڇو اڪيلي ٻر وچ باندي، دور نه ٿي دلدار!

روز تڪيسان تيڏيان راهين، ياد ڪريسان ڪيئي ڪيئي آهين،
جان جگر وچ پڙڪن باهين، اُٺ سڙے سڄ سنسار.
من پرماوين، تن تڙپاوين، هيچ هيارا ها، ول آوين،
ياري لاڪر توڙ نڀاوين، سونهن پريا سردار.
سڪندي رهسان مونجهي ماندي، روز ڳڄيسان تيڏي باندي،
ڏيسين شالا بانهن سيراندي، جاني جلوي دار.
رنج هجر دا، سُور ستاوي، بن دلبر آرام نه آوي،
درشن تيڏا مونجھ مٽاوي، درمل هي ديدار.

محب مٺا منٺار،
مٺا يار!

احمد خان آصف مصراڻي

●

اچانڪ ڪنهن جي ڪَنَ جي ڳالهه جيئن دل تي تَري آئي،
قريب المرگ کي موٽي نئين سر زندگي آئي.
لڏو ماتم جو جيتر هو اُت سرت جي مَڏي آئي،
عزيز و اقربا احباب ۾ کِيل ۽ خوشي آئي.
جڏهن ڪن ٻن جي وچ ۾ بدگماني بدظني آئي،
ائين سمجهو ته ويئي دوستي ۽ دشمني آئي.
ٻُرن وٽ جي بُرائي آهه وارد تي ڀلي آئي،
مگر ڏک ڳالهه هن جو آ چڱن وٽ ڇو ٻڌي آئي.
نه جي اسلام ۽ اسلاف جي هٿ پيروي آئي،
حياتي جي سفر ۾ هر هميشه گمرهي آئي.
بشر تي فرض ٿي بيشڪ خدا جي بندگي آئي،
نه جي بندو ٿيو بندو، سزا ان کي وڏي آئي.
ائين هرڪو چوي ٿو اڄ، نه مک جي ڪا گهڙي آئي،
اي "آصف"! غم ۽ ڳوندر جي ۽ سورن جي صدي آئي.

تاج جويو

## وائي

ساڻيائون سُڏڪن،
جيئون ۽ جوڀن؛ رسمن جي زنجير ۾!
لاشن سان لائون لهي،
آشائون ڦٿڪن: رسمن جي زنجير ۾!
نينهن ڪري ڪنهن نينگري،
سينگون ٿيون سڄڻ؟ رسمن جي زنجير ۾!
چنڊ ڳچيءَ ۾ ڪٽ آ،
سنهن ڪارا سرڪن! رسمن جي زنجير ۾!
مريادا ۽ مانهون،
لائي تي وڪڻن! رسمن جي زنجير ۾!

## "محسن" ڪڪڙائي

●

سوڙ تان، سُرڪندي ڪِنڏي وِيئي،
ڄڻ ته ڌرتيءَ هيٺ ڏُڏي ويئي.

ٽرب سان، ٽرب پِڪ وجهي ويٺو، هوڏ سان، هوڏ جي هُنڌي ويئي.
سپ ڪبوتر پلو ڪري ويو ڇٽي، ڪنب ني ڪنب تي ڪُنڍي ويئي.
ڪهر ڇڏي، هُڙ ڪٽي، ٻني نڪري، پل منجهان، پل ڪري پُنڌي ويئي.
واهيءَ ۾ رڳو هيو پڇتاءُ، ٻَر، وڃي ويل تي ڪُنڍي ويئي.
شرم-ٻوٽيءَ مثال شرميلي، ڦِلم تي، شرم ۾ ٻُڌي ويئي.
ٻاد جا ڪنڊرات، ڇا ڪوايون، گل جي خوشبو هئي، آڏي ويئي!
عيد تي، ٻي حساب ڪوس ڪري، تيز ڪاتي ٻه تي مُڏي ويئي!
"پنڊ" وارن" جي ذڪر تي "محسن"، ٻين، هر هر ٻيٺي لُڏي ويئي!

## سروپچندر "شاد"

### گيت

ٽيڪو ٻلي لڳاءِ،
پيشانيءَ تي گوري!

سج جون شاخون شرمائن، چنڊ ڀڻ شرماءِ؛
ٽيڪو ٻلي لڳاءِ.

هيءَ سهاڳ نشاني آهي، هن کي ڪين لڪاءِ؛
ٽيڪو ٻلي لڳاءِ.

پنهنجي همت، غيرت جو، جلوو ڪو ٻتساءِ؛
ٽيڪو ٻلي لڳاءِ.

ٻُڌي جنهن کي چيرڪي، ڇَمَ ڇَمَ ڇير وڄاءِ؛
ٽيڪو ٻلي لڳاءِ.

آهي جو ڪُجهه، سچ آهي، سچ جو ساز وڄاءِ،
ٽيڪو ٻلي لڳاءِ.

رحيم بخش "قمر"

## نعتيہ ڪلام

گناهن جو چڙهيو دل تي زنگينو، يا رَسُولَ الله،
اڪارج سير مان منهنجو سفينو، يا رَسُولَ الله.

شَفِيۡعُ المُذۡنِبِيۡنۡ تون رَحۡمَةً لِلۡعَالَمِيۡنۡ آهين،
سندءِ رحمت جو ڪرڪنهن لئي خزينو، يا رَسُولَ الله.

گلن، غنچن ۽ ٻوٽن کي ۽ وڻن، ٽڻن کي ٻه واسيو تو،
ڪٿوريءَ کان تنهنجي پڪو پسينو، يا رَسُولَ الله.

ڪهرانئج کهوٽ تون مون کي، اچي چانئٺ چُمان تنهنجي،
ڏسان تنهنجا مُنارا سبز مدينو، يا رَسُولَ الله!

ٻرين تنهنجي ٿي ٻاڙي ٻه، ڪري شل موت منهنجو رب،
پيرانديءَ کان ٽٽي منهنجو دفينو، يا رَسُولَ الله!

ٿيو تشريف فرما جنهن مهيني ۾ مٺا آهين،
مُبارڪ آهي بيشڪ سو مهينو، يا رَسُولَ الله!

ڪيو تو ماڻهو ماڻهن کي مُهيا مصطفيٰ مدني،
ڪيو ڪافور قَلۡبَن مان تو ڪينو، يا رَسُولَ الله!

مٺو نالو مُحمّدُ تنهنجو، دل ۾ روح ۾ آهي،
مدينو ٿي ويو سارو ٿي سينو، يا رَسُولَ الله!

مُحَمّدَ مصطفيٰ صَلِّ عَلِيٰ، نورِ خُدا آهين،
"قمر" ۽ سج، ستارن ۾ قَرِيۡنُوۡ، يا رَسُولَ الله!

## ذوالفقار سيال

●

سرها سرها ساهه کڻن ٿا،
توهر جهڙا لفظ لکن ٿا.

ڇا ٿيو آهي هي ماڻهن کي، ڪنڪر کي هيرو سمجهن ٿا.
ڪاريءَ هيڻان سچ لڪائي، طوفانن ۾ ڄار وجهن ٿا.
پاڻ کان هٿ دوکو کائي، پوءِ ڀي سپنا نيڻ ڏسن ٿا.
روز ڪهڻن ٿا جذبا دل جا، پنهنجو جيون ڪي وڪڻن ٿا.
قدمن جا نيشان اسان کي، تنهنجي در جي راهه ڏسن ٿا.
پيار جي جهوليءَ ۾ اي ساڄن، ڪيڏا ڳاڙها ڪنڊ ڪرن ٿا.
زلف تڪي راهون منزل جون، ڪيڏا چنڊ لهن، ابهرن ٿا.

## ادل سومرو

### گيت

خواب ملن خيرات
تہ منهنجي رات سجائي ويندي.
جي مان ڳايان گيت
۽ موٽي سيت،
تہ منهنجي لات سجائي ويندي.
جي مان ٻوليان سچ
سڄي ڪو سچ،
تہ منهنجي ٻات سجائي ويندي.
هر سٽ ٻڄي سگهہ
ڪين وڪامي اگهہ
تہ منهنجي ذات سجائي ويندي.
ٽنڊڙو ٿي ڀشي لٽ
ٻرهہ جو ٻرُ
آها برسات سجائي ويندي.

**مير محمد پيرزادو**

## گيت

بين وڄي ٿي ٻن ۾،
تانگهه وڌي ٿي تن ۾!

سون لئه مينگهه - ملهارون آهن، تنهنجون نينهن - نهارون ٻار،
سڪندن جي لئه ڄڻ ڪي ساٿي، تنهنجون سهڻيون ساروڻ يار،
موج ٿئي ٿي من ۾،
تانگهه وڌي ٿي تن ۾!

مينهن ڪڻن جي پائل ڇمڪي، سارنگ ڪيئي رنگ رچايا،
لڇندي نچندي، ڪڏندي ڪڏندي، ڪنوڻ ڪڪر مان ڪجڪا لايا،
ڪلندي آئي ڪن ۾،
تانگهه وڌي ٿي تن ۾!

طوطا جهومي جهومي ڳائن، ٽاريءَ ٽاريءَ ناچ نچن،
هيڙها 'هُوهُو'، ڪوئل 'ڪُوڪُو'، ڳيرا 'ڳُٽڪُٽ' ڪن،
پرت پکيارون ٻن ۾،
تانگهه وڌي ٿي تن ۾!

هير اُلي جي هنج ۾ لوڏي، ياد ڏياري پارن جي،
چين ڦٽائي، خوب وڃائي، مٺڙي ننڊ مون ٻارن جي،
ڳالهه ڪري ڪا ڪن ۾،
تانگهه وڌي ٿي تن ۾!

تو ريءَ مينهن ميارون ڏئي ٿو، آڄيان ڪيان ڪيئن آءٌ اڪيلي،
جوڀن مون سين جاڙ ڪري ٿو، وينر ساري جڏهين ٻيلي،
چاٽ پوي ٿي چِن ۾،
تانگهه وڌي ٿي تن ۾!

## واجد

•

نفرتون ڇا لئہ پلا،
ڪلفتون ڇا لئہ پلا.

سونهن ۽ سچ واسطي، تهمتون ڇا لئہ پلا.
ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ سان، سهمتون ڇا لئہ پلا.
واڪ ڏي واڄهائيندڙ، عظمتون ڇا لئہ پلا.
فاصلن جا فلسفي! قربتون ڇا لئہ پلا.
ڇوَر جيئن رت پيئندڙ! محسنتون ڇا لئہ پلا؟
قوم جون ڳالهيون ڪندڙ، اجرتون ڇا لئہ پلا؟
ويرَ ۾ وٽ ڪائيندڙ، محبتون ڇا لئہ پلا؟
ڪوڙ ڪي ٿي ٿيون رَسَن، نعمتون ڇا لئہ پلا.
ظلمتن سان جهيڙيندڙ، شهرتون ڇا لئہ پلا.
مور جهڙي مَن اندر، وحشتون ڇا لئہ پلا.
جنتن ۾ ڇابندڙ! غربتون ڇا لئہ پلا؟
جيئري مُردي پڇيو، تربتون ڇا لئہ پلا؟

## مختيار ملڪ

•

ڏور جو جتي پيو ڏس آهي،
اوڏانهن ئي اسان جو ڏس آهي.
ساڀيا ۾ ملڻ جي مشڪل آ،
سپنن تي تہ پنهنجو وس آهي.
جيون جي ڪهاڻي ڪيئن لکان،
هن قلم ۾ ٿوري مس آهي.
مرڪن ۾ اسان جي منزل آ،
ڪولڊر ۾ اسان جو ڪس آهي.
ڪنهن ساڻ نہ اوري حال سگهان،
هن نيڻهن ڪيو نروس آهي.

## مهر پروين

●

نيڻون نپٽو آهه نانگو، نينهن لائڻ جي نه ڪر،
جان جوکي ۾ جنجهوڙي، جيءَ جلائڻ جي نه ڪر!
ڏس زمانو ٿو ڏئي، دودن کي دوکا دلربا،
ڀروسو ڪنهن تي ڪري، تون نيچ نائڻ جي نه ڪر.
تون ٿو پائين پاڳ پنهنجو، محب مڙني ڪان مٿي،
پاڳ ڀڳويو پيو هوي ٿو، ابئن پائڻ جي نه ڪر!
پيني پڌان جا تنهنجي دل مان ڏ'ن' اٿي ٿي 'عشق عشق'،
عشق اوکو ۽ اڙانگو، تنهن کي ڳائڻ جي نه ڪر!
لوڪ آمنون موڪ، آهي لوڪ جو ايءَ فيصلو،
آزمايل کي وري تون آزمائڻ جي نه ڪر!
عشق ناهي 'راند- رائن'، آهه اوکو ۽ اڙانگ،
ور ڏيئي واسينگ ڏي، تون وک وڌائڻ جي نه ڪر!
ڪين ڪر دنيا تي ڀانور، ڪين رک تنهن سان پيار،
'مهر' ڪهر محشر جي ڏينهن لئي، هٿ هلائڻ جي نه ڪر!

## ج. ع. منگهاڻي

### گيت

ڪيترا آسرا،
هيترا ڀيچرا،
پنڌ هيڏو اجان، آئون ڪيڏالهن وڃان!
سڀڪو آسانتو،
جيڏانهن تيڏانهن جهتو،
هٿ ڪنهن کي سڄان، آئون ڪيڏانهن وڃان!
خيال چئي مان اڏان،
حال چئي مان لڏان،
ڳالهه ڪنهن جي مڃان، آئون ڪيڏانهن وڃان!
سج وانگر جلان؟
چنڊ وانگر لڪان؟
ماڳهين من کي ڀڃان، آئون ڪيڏانهن وڃان!
لوڪ جون لالچون،
پيار جون پارتون،
ڇا 'منگهاڻي' ڀڃان، آئون ڪيڏانهن وڃان!

## پشپا ولڀ

### ماڻهو

ريل ۾ ويٺل هر ڪو ماڻهو
دور ديس کان آيل، آسمان جو ماڻهو
ريل کان ٻاهر بيٺل ماڻهو
ٽئين دنيا جو پيڙيل، وچارو ماڻهو.

مون ته هميشه انهن ئي ڏٺو آهي
ريل ۾ ويهي ڏٺو آهي
نيڻ نهار تائين ڦهليل زمين کي ڏٺو آهي
پنهنجي ڇوڏاري ساون وڻن کي
ڦيرا کائيندي ڏٺو آهي
۽ ٻنيءَ جي وچ ۾ بيٺل ڪولهياڻيءَ کي
پنهنجو منهن ڍڪيندي
حسرت سان ڏسندي ڏٺو آهي
ها، هوءَ جنهن جي مٿي تي گاهه جي ڀري آهي
جنهن جو ٻار رُڳي هڪ ميري قميص پاتل آهي
مُڙي مُڙي ڏسندي پيئي وڃي
سندس ڪجهه رهجي ويو آهي شايد.

۽ هيءُ انن ڏهن ورهين جي نينگري
جا ڪنڌن سان واڙيل ڪُهرن جي پاسي ۾ بيٺي آهي
جنهن جي هنج ۾ ننڍڙو ڀاءُ يا ڀيڻ آهي
ٽا... ٽا ڪرڻ سيکاري رهي آهي.

رستي جا گهر آهن جن جو ڍڪ صرف
ڪنڊا آهن ۽ شايد زندگي ۾!
ڪنهن بي ٻاڙي ول جيان
جتي ۽ جيڻن جاه ملي
مٿي چڙهي هلي
گهر آهن صرف ٽين جي پترن جا
گهر آهن ڪوڪن جي پيڻن مان جُڙيل
۽ پاسي ۾ سيمنٽ جو ڪارخانو
جو سندن ڦِڦِڙن کي چارٽي بنائڻ ۾ رڌل آهي
۽ ڪارخاني جا مزدور
Industrial waste جا انبار هُنن جي
گهرن اڳيان لڳائي
سندن ساهه پوسائڻ لاءِ تيار بيٺا آهن.

## "اسحاق راهي"

•

محسنن کي هر قدم تي محسنن ڏوکو ڏنو،
راهه ۾ محبوب کي آ عاشقن ڏوکو ڏنو.

رند جي نظرن کي ساقي جي اکين ڏوکو ڏنو،
ميڪشن کي بزم ۾ آ ميڪشن ڏوکو ڏنو.
اختلافن جي به ڪا حد هوندي آهي دوستو،
لب تلاش لب رهيا، ليڪن لبن ڏوکو ڏنو.
سادگي چئجي، يا چئجي سمجهه جو ڪوئي خلل،
رهبرن جو ويس پائي رهزنن ڏوکو ڏنو.
مون سان پنهنجن ڪئي دغا اي دوستو اهڙيءَ طرح،
جيئن مسئي ويچارڙي کي هو جتن ڏوکو ڏنو.
ڪاروان منهنجي جي قسمت تي اهي حملا ڏسو،
راهه بخشيا حوصلا، پر رهزنن ڏوکو ڏنو.
غرق ٿي اميد جي ڪشتي، سهارا ويا ٽٽي،
رازدان طوفان ٿيا، پر ساحلن ڏوکو ڏنو.
باغ ۾ گلڙن کان اڳ خارن ڪيو خوش آمديد،
دشمنن ڪئي آجيان ۽ دوستن ڏوکو ڏنو.
جن کي گل سمجهيم آهي خارن کان وڌ تي خار پيا،
ڪيترو دستِ طلب کي آ گلن ڏوکو ڏنو.
باغ ۾ آيس ته گلزاري کي سون نالان ڏٺو،
ڪيترو شاخ و شجر کي آ چمن ڏوکو ڏنو.
جيئن پيا دستِ طلب دامن ۾، دامن پيو ڏنگي،
هي غضب آهي، جو آخر پيرهن ڏوکو ڏنو.
ٿي پيو آهي نظار بزم سان ڪو اختلاف،
سادگي منهنجي کي آخر انجمن ڏوکو ڏنو.
ٿي نظار ڪاروان ويو منتشر منزل کان اڳ،
راهه ۾ "راهي" کي آهي قافلن ڏوکو ڏنو.

سرڪش سنڌي

## چنڊ سان گفتگو

زخم دل جا ڏسي چنڊ ٿيو تو ڪلين،
جي هيارن ڏنا سي هيارا گهڻا.
زندگي جو نڪر ڪيئن تنها نڪيان،
سور ڏيندا رهن ٿا سهارا گهڻا.
هر صبح شام جو اپ نيري مٿان.
هڪ ويڇڙيل ڪڪر مون جيان دربدر،
خوب رئندو رهيو لوڪ ڏسندو رهيو،
ٿا رهن دبس ۾ درد وارا گهڻا.
تو ته ڪيئي نديون پيٽ سڪندي ڏٺيون،
منهنجي ٻنڌوءَ ڪڏهن لاٿ آندي نه آ،
ٿي چلي ۽ چلي ڪير ٿو ڇوليون جهلي،
ٻوٽي سميا ته ڪن ٿا ڪنارا گهڻا.
رات جيئن جيئن لڙي پرهه جي آسري،
تون وڏا ٿهڪ ڏين ۽ نوان ڇهڪ ڏين،
ڏي پهلي ڏي مڪر، هي هجيئي خبر،
ساڻ تنهنجو لڏ ڏيندا ستارا گهڻا.
چنڊ! تنهنجو ۽ سرڪش جو هڪ حال آ،
تنهنجي سيني جو ڦٽ پي ٿي دنيا ڏسي،
او ڇريا! پاڻ جهڙن تي ڪلبو نه آ.
مون تہ توکي ڏنيا هن اشارا گهڻا.

●

بخشڻ مهر

وقت جي ترين اڏو،
حياتيءَ جا سمورا سگنلز،
پنهنجا ڪنڌ،
اُتي موالي جان،
لاڙيو ويٺا آهن.
اها ترين،
ڏاڍو تيزيءَ سان گذري ويندي آهي،
دلين جي پليٽ فارمس تي،
يادن جا پنا اڏائيندي.

## "حليم" سنڌي

●

زندگانيءَ ۾ سوين سور سهي ويا آهيون،
دوستو! هاڻ ڏکن سان ٺهي ويا آهيون.

اي فلڪ! تنهنجو ستم تنهنجي جفا اکين تي،
تون متان پاڻئين تہ ٺاهڙ ٿي ٺهي ويا آهيون.

وقت ڪنهن جي بہ چڱائي نہ مڃيندو آهي،
هن سان حالانڪ چڱي ويل وهي ويا آهيون.

هاڻ ڪوئي نہ رهائي تہ انهيءَ جي مرضي،
زلف جي ڇانو ۾ ڪجهہ روز رهي ويا آهيون.

ڪنهن جي قسمت جي ٺهي ٿي تہ ٺهن ٿي گهرجي،
ڪوهہ غم ناهہ، اگر پاڻ ڍهي ويا آهيون.

دل جي داغن سان رهون ٿا اسين هردم روشن،
چنڊ ۽ سج تہ نہ آهيون جو لهي ويا آهيون.

چند قدمن تي رهي منزلِ مقصود "حليم"،
ميل پنڌي چڙي، ٿڪجي ۾ ڪهي ويا آهيون.

## جوهر بروهي

### وائي

سارو سنڌ سهان، ميان!
ٻوڏ ٻوڙ ٻندي ڪانہ ڪا،

رولو، ٻنڪيل، لاک لٽا ڪي تاتاري ترخان، ميان!
ٻوڏ ٻوڙ ٻندي ڪانہ ڪا.

پنهنجا سينا پٿر جهڙا، ٽڪرن ٿا طوفان، ميان!
ٻوڏ ٻوڙ ٻندي ڪانہ ڪا.

اوڳا سوڳا ڏينهن گذاري، ماڻينداسون مان، ميان!
ٻوڏ ٻوڙ ٻندي ڪانہ ڪا.

پيشانين تي چلڪن چمڪن، ڪوتر وارا ڳان، ميان!
ٻوڏ ٻوڙ ٻندي ڪانہ ڪا،

مرڪون اوتي جڳ جيئندا، "جوهر" تنهنجا جوان، ميان؟
ٻوڏ ٻوڙ ٻندي ڪانہ ڪا.

رکيل مورائي

## وائي

هيڪل هيڪل مَن،
مون تاسارو تن، آءُ ته اڳئي اڃرو ٿئي.

او پار پهر پيار جا،
ڪوهي ٻر ڪو ڪن، آءُ ته اڳئي اڃرو ٿئي.

اوسيڙي جي آڪ ٻر،
جهلي پڙ جهوڙن، آءُ ته اڳئي اڃرو ٿئي.

هُڏ هُڏ رت بسنت جي،
هُڏ هُڏ منهنجو مَن، آءُ ته اڳئي اڃرو ٿئي.

تنهنجو لاڻ زبان تي،
جيڏن لاءِ جتن، آءُ ته اڳئي اڃرو ٿئي.

اشرف زمان پيرچنڊاسي

•

بيوفا سان وفا پيو ڪير ڪندو،
سوچ اهڙي خطا پيو ڪير ڪندو.

ڇڙهون ڏڙڪا ملن ٿا جنهن جي ڪري، روز اهڙي صدا پيو ڪير ڪندو.
صبح جو وعدو ۽ شام جو ڦيري، دوستا اهڙي دغا پيو ڪير ڪندو.
لڙڪ وينو ڏيان مان ناڻ تنهنجي تي، ڏس ته اهڙي سخا پيو ڪير ڪندو.
موت جي وقت ٻي "اشرف" تي هڪي، بار ٻوڪي دعا پيو ڪير ڪندو.

## آسِيد خيرپوري

●

هر قول سان آ فعل ڇڏي انتها ڪري،
مجبور ڪو هجي تہ آهو ڇا ڀلا ڪري؟

رهزن جو ڪم ٿو ويٺو هتي رهنما ڪري، جنهن کان ٻہ ڪوني ڪين ٿو ڪائي ڀچا ڪري.
خالق جو خير ڪير ٿو اڄڪلهہ ادا ڪري، ماڻهن جي ڏيک لاءِ ٿو هرڪو خفا ڪري.
حقدار کي نہ جيڪو سڏي حق عطا ڪري، آڻ تي خدا جي مار ڀوي شل خدا ڪري.
ڇا ٿي پيو جي يار ڇڏيو آ جدا ڪري، ڏم ڀاڻ ٺان جڏهن جو نٿو ڪا وفا ڪري.
جنهن کي وٺي سو منهنجي ڀلا ٿيڪ ڳيلا ڪري، هن ڪان متي هو ڪهڙي اڄان ٻي خطا ڪري.
غم جو ڪيان ڀلي ڪو جفا تي جفا ڪري، مشڪل سدائين دور ٿو مشڪلڪشا ڪري.
"اميد" روز روز اها ٿو صدا ڪري، اُو ڪو اچي نہ وقت وطن تي خدا ڪري.

## تبسم زهره

اهانڪيل من —
هيءُ مانتيڪي،
جيڪا منهنجي آ، ٿنهنجي آ،
من جو ٿنهنجو حُسن آ،
من جو ٿنهنجو آواز آ،
منهنجو من نياس تي ٽنڪيل،
منهنجو من نوبڪلاين جي صليب تي ٽنڪيل،
من مانتيڪي کان ڀڄي ٿو،
تون انسان جي من مندر ۾ ڇو ٿي وسين،
من ورائيو!
مان نوبڪلي من جي ماتي آهيان،
مان من جي صحرا جي ڇالو آهيان،
مان ويران وڻ جو اڪيلو ٻن آهيان.

## خليل عارف سومرو

●

جهڙو تنهنجو چهرو آ،
منهنجا اهڙا گيت ڪٿي؟

پنهنجو پيار امر ٻڌجي، تنهنجي اهڙي پريت ڪٿي؟
هرڪو پنهنجا حق پسي، جڳ جي اهڙي ريت ڪٿي.
پنهنجي پنهنجي قسمت آ، هار ڪٿي ۽ جيت ڪٿي.
ڪٿ جيون ماڪيون مصريون، ۽ وهه جي آ کيت ڪٿي!
اي هوائو ڪجهه ته ٻڌايو، من جو آهي ميت ڪٿي؟

## مرتضيٰ ملياڻوي

●

اڄ محب مرڪي ڪر سخا، اڄ ڏي ڇڏي ناراضگي،
ڪر پوري سائل جي صدا، اڄ ڏي ڇڏي ناراضگي.

تون دور دلبر ٿو رهين، پو ٻي مٺارُون ٿو مڃين،
مان محب آهيان باوفا، اڄ ڏي ڇڏي ناراضگي.

مُنهنڙي مثل مهتاب تان، پردو هٽائج پيار سان،
زيارت ڪرڻ جي آس آ، اڄ ڏي ڇڏي ناراضگي.

سَوَ سج پل اڀرن پيا، ڪئين چنڊ پل چمڪن پيا،
تن کان گهٽ تنهنجي ضيا، اڄ ڏي ڇڏي ناراضگي.

پيڪان پنبڻين جا هڻي، زوريءَ وٺين تون دل ڪٿي،
وَهه واهه نيڻن جي ڏيا، اڄ ڏي ڇڏي ناراضگي.

لبان تن جو سوال آ، ڪجهه آس ڪجهه احوال آ،
پورن جا پنجو پر جهلا، اڄ ڏي ڇڏي ناراضگي.

تنهنجي ڪمي ٿي دلبري، ڪر مرتضيٰ جي رهبري،
او! منهن جي دل جا دلربا، اڄ ڏي ڇڏي ناراضگي،

## راشد موراڻي

●

هيل ٻه ٻوڙ نه ٿي، اڀل هاڻ آٿي،
لڏيون ڪنهن ٻي لوءِ ڏي!

جهنگ نه رهيو ننگ اُ، جُوکي جُوءِ ٻُکي،
اڀل هاڻ اٿي.
لڏيون ڪنهن ٻي لوءِ ڏي!

ڪاٻا، ڪايون ڪاهه لٿه، رنيون روز رُلي،
اڀل هاڻ اٿي.
لڏيون ڪنهن ٻي لوءِ ڏي!

ڏرتي سُڪي ٽوٽ ٿي، ٻتر ڪاڻ ڦٿي،
اڀل هاڻ اٿي.
لڏيون ڪنهن ٻي لوءِ ڏي!

ڪُونج ۽ ٻومل، مينهن جو، ويو آ کير سُڪي،
اڀل هاڻ اٿي.
لڏيون ڪنهن ٻي لوءِ ڏي!

ڪِيو ڪِسي ڪونه ٿو، ماني آهه رُڪي،
اڀل هاڻ اٿي.
لڏيون ڪنهن ٻي لوءِ ڏي!

ڪاٿان ايندا آن ڪٺا، ٻٺي ڪاڻ ٻُڌي،
اڀل هاڻ اٿي.
لڏيون ڪنهن ٻي لوءِ ڏي!

شال وسي ڪو مينهڙو، ٻنجي پُونه سُکي،
اڀل هاڻ اٿي.
لڏيون ڪنهن ٻي لوءِ ڏي!

# ناظر منگي

●

يار پنهنجي ياد هيڪر جيڪڏهن دل سان ڪري،
سڀ ڇڏيندو خود خدا دشواريون آسان ڪري.

جوتشي هٿ جي لڪيرن کي ڏسي دلجا ڏني،
ڏينهن اڄ ۾ وصل شايد يار ٿو توسان ڪري.

خواب ۾ هن کي ڏهاڙي ٿو ڏسان ويٺل ڪلي،
ظاهري ليڪن اچڻ جو ڪين ٿو احسان ڪري.

نينهن جا ناسور ڏينهون ڏينهن ٿا وڌندا وڃن،
ڪو طبيبُ جراح جيڪو درد جو درمان ڪري.

پيار جي ساگر ۾ مدت کان آ منزل جي تلاش،
ناخدا جو ڏوهه ناهي جيڪو ڪري يزدان ڪري.

واهر ڪي ڪير ٿو پنهنجو ڪري اڄڪلهه مگر،
غريب هن جا ڇا چوان جو قيد ٿو مهمان ڪري.

ٿي ويون خالي دليون آهن پري هڪ ٻئي کان پر،
ڪو هجي اهلِ نظر جو پاڻ کي پهچان ڪري.

سچ ته روزاني ڪسڻ کان ڏينهن هڪ وڃجي ڪسي،
عشق ۾ مرجي آئين جنو غير ئي ارمان ڪري.

پل زمانو پيو ڪري مون تي ستم سهندس مگر،
يار "ناظر" کي فقط سوري ڪٿي پرسان ڪري.

## پريتم داس پياسي

●

عجيب آهه ورتو آت، نه آهو خط اجان تائين،
ڪي سڏڪي سڪي ويو ست، نه آهو خط اجان تائين.

لکين خطوا لکيا مون لڙڪ لاڙي روح کي روئاڙي،
ويو نڪري رڳن مان رت، نه آهو خط اجا تائين.

لکڻ کان اڄ جواب آهي، اچڻ کان ٿيو حجاب آهي،
مگر من منهنجو آ موهت، نه آهو خط اجان تائين.

ڪٿي ڪاوڙ قربن آ، ڪٿي محبت مُجبن آ،
رُسي ويو هاه جاني جت، نه آهو خط اجان تائين.

ڏسان مان روز ٿو راهون، ڪريان پيو ترپ مان ڪاهون،
”پريتم“ ڪيئن ڪجي پربت، نه آهو خط اجان تائين.

## حسن درس

### وائي

منزل لاهي ڏور، هل ڪن باقي پنڌ آ.

پريان هن تي پار آ پوکيو نمن پور، هل ڪن باقي پنڌ آ،
چو هن تنهنجا چپ سڪاڻا، چو ٿيو چهرو چور، هل ڪن باقي پنڌ آ.
پنڌ ڪندي ا پهچڻ جو، ڪيڏو پيارو پور، هل ڪن باقي پنڌ آ.
سوپ سنڌوءَ جي سوچي سائين سپ وڃاءِ سور، هل ڪن باقي پنڌ آ.
ڦٽ پراڻا ويهي نه ڏس کهاءُ نه ويهي کور، هل ڪن باقي پنڌ آ.
واٽن تي ويهي نه روئي نين نچوءِ نور، هل ڪن باقي پنڌ آ.

## قاضي منظر حيات

### ماڻهو

آجــرا، انـدر، ڪارا ماڻهو،
وحـشـي صورت وارا ماڻهو.

دور هليا ويا، دور هليا ويا، ڪِيـئـڏا پـيـارا پـيـارا ماڻهو.
هـرهـڪ دل ۾ ٿـوهـر اڀريا، وار ڀـاسـي جـيـان سـارا ماڻهو.
هرڪنهن من مان ميٺ هلي وئي، ڪـوڙا، ڦـڪـٽـا ڪـارا ماڻهو.
ڪوڙ جي ڪوڙه ۾ هرڪو ورتل، ڪـونـهـن سونـهـن سچارا ماڻهو.
هنجـي ڊونـڊ ۾ـئـي آ دنـيـا، تـنـهـن تـي ڌ ڀـن لاسـارا ماڻهو.
پـيـار مان جيڪي هـردل جيتن، ڪـونـهـن سـي سـوڀـارا ماڻهو.
وحـشـي هـنجي مـانـهـو آيـو، ڳـالـهـن ڪـي وڃـارا مانهو.

## رلڻي

●

مان
سمورن دشمنن لاءِ
عام معافي جو اعلان ڪيان ٿو
۽ سمورن دوستن لاءِ لڪان پيو
هڪ الوداعي گيت
مان سمورن نفرتن پنهنجين تان
دستبردار ٿيان ٿو
۽
سڀني بدناميون
OWN ڪيان ٿو
مان قبوليان ٿو
سڀني الزام
بدلي ۾ مان پنهنجو پيار
پيار کان محروم ماڻهن ۾
ورهائي ٿو ڇڏيان
محبوب چهري کي چمي
بس آخري نظر ڏسڻ ٿو چاهيان مانَ
مان
ڪارڻ ۽ تهمتن جي بدلي
توهان ڏانهن
دوستيءَ جو هٿ وڌايان
ٿو.

عزيز ڪنڪراڻي

## وائي

هيل ٻہ نہ آئين يار، ٻل ٻل تنهنجي ٻچار،
الا اوسيئڙو آزار.

ساوڻ رُت رسيلي آئي، اکڙيون ميگهہ ملهار،
الا اوسيئڙو آزار.

اکڙين مان هين اوتر آئليا، اوندهہ اندوڪار،
الا اوسيئڙو آزار.

ڪوڙ ڪجي تو ڪنوڻ ڪنوي ٿي تنهنجي اچڻ جا پار،
الا اوسيئڙو آزار.

ٻادل ٻڻجي ڪڏهين ايندين ڪنان پورب پار،
الا اوسيئڙو آزار.

لڙڪ لڙي پيا ڳاٽ ڳهڙي پيا وڏڦـڙو وسڪار،
الا اوسيئڙو آزار.

توريءَ جهوري جنڙو جهوري ساجن لهہ ڪا سار،
الا اوسيئڙو آزار.

ياد پون ٿا وار اوهان جا، ڪڪر ڪارونيار،
الا اوسيئڙو آزار.

ليڙين لنب "عزيز" لہ آئي، دل ۾ درد هزار،
الا اوسيئڙو آزار.

"انسان ۾ 'آدميت' پيدا ٿيڻ کان پوءِ، جڏهن منجهن 'اجتماعيت' جو روح جاڳي اٿي ٿو، تڏهن انسانيت جو ضمير زنده ٿيو پوي، جو انهن جي مجموعي مفاد لاءِ هر هميشه بر سر پيڪار رهي ٿو. اهڙيءَ طرح اتحاد سان انتظام ۽ انتظام سان زندگي جا چشما ڦٽي نڪرن ٿا، جي مرده جسمن ۾ به جان وجهيو ڇڏين."

— علامه آءِ. آءِ. قاضي

# مقالا

"... پاڻ کي هڪ وڏو اديب سمجهندي، به جيڪڏهن ڪنهن ڪلاسيڪي بلوچي شعر جي دفتر يا بلوچي شاعرن جام درڪ يا مست توڪلي جو نالو به نه ٻڌو هجي، وارث شاهه جي هير، ميان محمد بخش جي سيف الملوڪ يا شاهه حسين ۽ بلهي شاهه جي ڪافين مان اڻڄاڻ هجي، محبت خان ۽ درخانه ئي جي دلڪش افساني مان بي خبر هجي يا پختو جي مشهور معروف شاعرن خوشحال خان خٽڪ ۽ رحمان بابا جي ديوانن کي ڇهيو به نه هجي، لطف عليءَ جي سحر آميز سيفلنامي يا خواجه غلام فريد جي دلپذير ڪافين کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ جي ڪوشش نه ڪئي هجي، يا قاضي قادن جو نالو به نه ٻڌو هجي ۽ حضرت شاهه عبداللطيف جي فڪر انگيز ۽ اثرائتي ڪلام مان واقف نه هجي— ته اهڙي اديب گهڻو ڪجهه وڃايو ۽ تمام گهٽ پرايو! اهڙو اديب ڪهڙيءَ ريت 'پاڪستاني اديب' سڏائڻ جو حقدار ٿي سگهي ٿو؟"

— ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

رقص ۽ راڳ، ساز ۽ سرود سنڌ جي ماڻهن جي فطرت، سرشت ۽ رڳ رڳ ۾ سمايل آهي. راڳ ۽ راڳداري سنڌ جي ماڻهن لاءِ روح مثل آهن. راڳ سنڌ روحاني زندگيءَ ۽ جياپي لاءِ ائين ضروري آهي، جيئن جاندارن جي جياپي لاءِ هوا، باهه ۽ پاڻي.

سنڌ جي ثقافتي تاريخ جي اڀياس موجب هرهڪ منڊ ۽ موسم، هرهڪ ريت ۽ رسم، هرهڪ سانڻ ۽ سوڻ، هرهڪ ناچ ۽ لُڏ لاءِ راڳ جا الڳ الڳ ٻول جڙيل آهن، جيڪي پنهنجي قديم تاريخ، پنهنجي سندرتا، ڪوملتا، سوڀيا ۽ سونهن ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهن.

پروفيسر آڏارام آسرانيءَ جي راءِ موجب:

”هرڪا قوم پنهنجي راڳ وديا ذريعي پنهنجي روح جون لاتيون ۽ سُر ظاهر ڪري ٿي.“

اُن قوم جو راڳ سندس من جي موجن جو مظاهرو ۽ دل جي دليلن جو دروازو آهي(١).

١٩١١ع ۾ مدراس ۾ School of Indian music جو افتتاح ڪندي مائي بسنتي پنهنجي تقرير ۾ فرمايو هو:

”اسان جا راڳ انسانن ۾ روحاني جذبن پيدا ڪرڻ جي خاصيت رکن ٿا.“

هن اڳتي فرمايو ته:

”جڏهن ڪو سهڻو راڳ ٻڌبو آهي تڏهن جسم جي سُڌ ٻُڌ گم ٿي ويندي آهي. ٻڌندڙ پنهنجو پاڻ ۾ ٿي گم رهندو آهي، دل ۾ آرام ۽ اطمينان ۽ سرير ۾ سڪون پيدا ٿي ويندو آهي، ۽ من اهڙو محو ٿي ويندو آهي جو انسان، انساني درجي کان چڙهي، روحاني طبقن جو سير ڪرڻ لڳندو آهي(٢).“

مائي بسنتيءَ جي هن راءِ جي روشنيءَ ۾ علم الانسان جي رابطي سان سنڌ جي راڳ ۽ راڳداري جي نفسياتي تجزيي ۽ اڀياس ڪرڻ جي اشد ضرورت آهي، ڇو ته سنڌين لاءِ راڳ مردي ۾ روح ڦوڪيندڙ ۽ مردي کي زنده ڪندڙ طاقت مثل آهي.

جيئن سنڌ جي ماڻهن جي نفسيات ۽ ڪردار جي مطالعي جو ميدان وسيع آهي، جيئن سنڌ ۾ مذهب، دين ۽ ڌرم جو اتهاس اونهو آهي، جيئن سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن جي تاريخ قديم آهي، تيئن سنڌي راڳ جو سلسلو تهائين پراڻو آهي. ماهرن سنڌ ۾ هن فن جو سلسلو موهن جي دڙي جي تهذيب سان ملايو آهي. انهيءَ سلسلي کي سنڌ ۾ اسلامي حڪومت جي ابتدا واري دؤر ۾ آيل سياحن گهڻي توجهه ۽ تفصيل سان بيان ڪيو آهي. هنن جي بيان مان صاف ظاهر ٿو ٿئي ته، ٻين هنرن ۽ فنن کان سواءِ راڳ به سنڌ جي ماڻهن جو من موهيندڙ فن رهيو آهي. راڳ سنڌن دلپسند دولت آهي. هڪ عرب سياح جاحظ پنهنجي ڪتاب ”رسالة فخرالسودان علي البيضان“ ۾ لکيو آهي ته:

---

(١) آڏارام آسراڻي، پروفيسر: مقالو ”شاعر“ هالا، ١٩٥٦ع، ص ١٧.
(٢) ايضاً، ص ١٩.

پوربي، آسا، تلنگ، پهاڙي ۽ سورٺ خاص سُر آهن. جيئن سچل جي درگاهه تي ٿيندڙ راڳ ۽ سچل جي راڳ جي مڪتب يعني راڳ جي اداري جو مطالعو به ضروري آهي. اچا به وڌيڪ ضرورت هن ڳالهه جي آهي ته سنڌ جي مختلف ماڳن ۽ مڪانن، مندرن، آستانن، درگاهن ۽ ڪافين ۾ مروج راڳ جو تقابلي اڀياس ڪيو وڃي ۽ اهڙيءَ طرح راڳ جي مختلف مڪتبن جي باري ۾ مڪمل ۽ سموري معلومات ملي سگهندي. ساڳئي وقت ماڻهن جي نفسيات ۽ جبلت تي ان جو جيڪو اثر ٿئي ٿو، ان جو به مطالعو ڪيو وڃي ۽ ان تي تحقيق ڪئي وڃي.

سچ ته هيئن آهي ته لطيف ۽ سچل جي راڳ مان فيضياب ٿيڻ ڪان پوءِ، سنڌي راڳ ۽ راڳداري، عوامي موسيقيءَ جي معراج تي پهتل آهن. سنڌي راڳداريءَ جو اهو سوز ۽ گداز هڪ متبرڪ نعمت آهي، جا بي‌انت خوبين ۽ خصوصيتن سان پربل آهي، جنهن تي تحقيق ۽ ڦولها جي ضرورت آهي. انهيءَ تحقيق جو هڪ موضوع هي به هجڻ گهرجي ته جيئن لطيف لاءِ راڳ نفس جي نجات لاءِ علاج مثل هو، جيئن بلي شاهه مستيءَ ۾ اچي ناچ ڪندو هو، جيئن سچل بيماريءَ جي حالت ۾ راڳ ٻڌڻ سان چاق ۽ چوبند ٿي ويندو هو، جيئن امام اعظم جي مشهور شاگرد امام دائودالطائي لاءِ چون ٿا ته هن جي ڪمر جهڪي ويئي هئي، پر جڏهن هو راڳ جي محفلن ۾ شريڪ ٿيندو هو ته راڳ ٻڌڻ سان هو جذبي ۾ اچي ويندو هو ۽ جوش ۾ سندس ڪمر سڌي ٿي ويندي هئي(۱)، جيئن ڏياچ راڳ ۽ سُر تي سِر ڏنو، جيئن اڄ به ماتا جي بيماريءَ جو جوش گهٽائڻ لاءِ عورتون گڏجي خاص آلاپ ۾ ماتا جي لولي ڳائينديون آهن. جيئن اڄ به ماهرن Music Theraphy جي مدد سان راڳ کي بيمارين جي علاج طور استعمال ڪرڻ شروع ڪيو آهي، تيئن انهن موضوعن کي سامهون رکي سنڌي عوامي راڳ تي تحقيق جي اشد ضرورت آهي. اها تحقيق جيڪڏهن سائنسي اصولن موجب ڪئي ويئي ته مون کي يقين آهي ته ان جا سٺا ۽ فائديمند نتيجا نڪرندا.

## ببليوگرافي

### سنڌي ڪتاب ۽ مضمون


(۱) اڏارام آسرائي: مقالو، "شاعر"، ۱۹۵۶ع، ص ۱۷.

(۲) رشيد احمد لاشاري: "سچل جو رسالو" (سنڌي ۽ سرائڪي) حيدرآباد، آر. ايچ. احمد اينڊ برادرس، ۱۹۶۵ع ص ۷.

(۳) سيد حسام الدين شاهه راشدي: "هو ڏوٽي هو ڏينهن"، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ.


(۱) حجة الاسلام امام ابو حامد الغزالي: "موسيقي ڪي شرعي حيثيت"، مترجم سيد نصير شاهه لاهور، اداره ثقافت اسلاميه پاڪستان، ۱۹۶۳ع، ص ۳۸.

(٤) ڊاڪٽر گربخشاڻي: ”مقدمه لطيفي“ ڪراچي، ايجوڪيشنل پريس، ١٩٣٦ع، ص ص ٥٦ ۽ ٦٩.

(٥) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: ”سنڌي موسيقيءَ جي مختصر تاريخ“، حيدرآباد، شاهه عبداللطيف ثقافتي مرڪز، ١٩٧٨ع، ص ص ١٧٣، ١٧٥، ٢٥٣.

(٦) ”رسالو سچل سائين“، مڪر، ميشرس هر يسنگهه سنس، ص ١٧.

(٧) جاحظ: ”رسالة فخرالسودان علي البيضان“، اردو ترجمو، ”هندوستان عربي کي نظر مين“ جلد اول، اعظم ڳڙهه، دارالمصنفين، ١٩٦٠ع، ص ص ٤-٧.

(٨) حجة الاسلام امام ابوحامد الغزالي: ”موسيقي کي شرعي حيثيت“ مترجم: سيد نصير شاهه، لاهور، اداره ثقافت اسلاميه پاڪستان، ١٩٦٤ع، ص ٣٨.

(٩) موسيٰ خان ڪليم: موسيقي، نئين تحريرين، پشاور ١٩٦٥ع.

## انگريزي ڪتاب

(10) Tirathdas, H.T: 'Story of Love', Hyderabad, P. 8.




ب ـ تختي فلسڪيپ (ڀنو ٽلهو)
ڪاتب جمال
سال ١٨٩٣ع
صفحا ٢٩٨

## ٣ـ گروهڙي جي ڪلام جا نسخا.

هي قلمي نسخو چوٽياريون (ضلعو سانگهڙ) مان هٿ آيو. نسخي جو مواد، ڪهڻي ڀاڱي "ابيات سنڌي" ۽ "ڪلام گروهڙي" ۾، شمس العلماء ڊاڪٽر دائود پوٽي آڻي ڇڏيو آهي. ان هولڊي ۾ ٩٨ صفحا بچيل آهن.

تختي چوٿاڙ ڀنو
ڪاتب يارمحمد فقير چانڊيو
سال ١٣١٧هجري مطابق ١٨٩٩ع
صفحا ٨٧

پڇاڙيءَ ۾ ڪاتب لکي ٿو:

قاريان بر من مڪن تهر عتاب،
من نوشتم آنچه ديدم در ڪتاب.

## ٤ـ سيف الملوڪ ـ لطف علي بهاولپوري:

الف. تختي ''٨½×''٦½ (ٽلهو ڀنو)
ڪاتب لعلو
سال ١٢٦٩هجري مطابق ١٨٥٢ع
صفحا ٢٨٠

ب. تختي ''٧½×''١٠½ (ٽلهو ڀنو)
ڪاتب حسن علي ولد محمدعلي فقير شهر دراز
سال ......
صفحا ٢٥٢

ج. شاهه محمد ديڏڙ وارو نسخو.

تختي چوٿاڙ ڀنو
ڪاتب شاهه محمد ديڏڙ
سال ١٢٨٧ھ مطابق ١٨٧٠ع
صفحا ٢٩٦

پوندي ويئي، هن نمالي نيڌر جي ڪاهليءَ ۽ تصور جا حجاب منڪشف ٿيندا ويا ۽ پنهنجي لاءِ اهلي، ناروائي تي دل مضطرب ٿيڻ لڳي. . . .

خداوند ڪريم شال اوهان جي شان شوڪت، علم عرفان، ودِيا ۽ گيان ۾ افزون تر اضافو بخشي آمين.

زياده خير والسلام

.................

اسلم لائبريري ۾ ٨٧ نسخا آهن، جن جو سڌو واسطو ”سنڌي“ سان آهي. فارسي ۽ عربي الڳ آهن. هيئنر به وقت ڪونہ ويو آهي. جيڪڏهن اسان واجهہ وجهون ۽ تنيءَ ڏڌيءَ ڪاهيون تہ ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور پلئہ پوندو.

وَڪَرَ ڍيرون ڍيرَ پسر وهائڻ ۾ ويسَرِ،
ڪَتَيِن و هائي دمِ ڪيو، ساجهرُ وير سَويرَ،
ڪَتَيِن گهمندي سَيرَ، وڪَرَ وِڪاميِ ويو.



# چشتي سلسلو

## ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

”چشت“ خراسان جي هڪ مشهور شهر جو نالو آهي. اتي جي ڪن بزرگن، ماڻهن جي روحاني اصلاح جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو، انهيءَ ڪري اهو چشتي سلسلو سڏجڻ ۾ آيو. حضرت خواجه ابو اسحاق شامي (وفات ٩٤٠ع) پهريون بزرگ آهي، جنهن جي نالي سان گڏ تذڪرن ۾ ”چشتي“ لفظ ملي ٿو. هو اصل شام جو رهاڪو هو. اتان بغداد ۾ آيو، ۽ حضرت خواجه ممشاد علي دينوري (وفات ٩١٠ع) کان روحاني فيض حاصل ڪيائين. ان جي ارشاد موجب ”چشت“ ۾ آيو، جتي هڪ روحاني تحريڪ جو بنياد رکيائين. هي سلسلو به طريقت جي لحاظ کان حضرت علي ڪرم الله وجه، تائين هن طرح ملي ٿو:

(١) حضرت علي بن ابي طالب ڪرم الله وجه. (٢) حضرت خواجه حسن بصري. (٣) حضرت خواجه ابي الفضل عبدالواحد ابن زيد. (٤) حضرت خواجه ابي الفيض فضيل ابن عياض. (٥) حضرت خواجه ابراهيم ادهم البلخي. (٦) حضرت خواجه سديد الدين حذيفة المرعشي. (٧) حضرت خواجه امين الدين ابي هبيرة البصري. (٨) حضرت خواجه ممشاد علي دينوري. (٩) حضرت خواجه ابي اسحاق شامي. (١٠) حضرت خواجه ابي احمد بن فرسنافة الچشتي. (١١) حضرت خواجه محمد ابن احمد چشتي. (١٢) حضرت خواجه ابي يوسف چشتي. (١٣) حضرت خواجه مودود چشتي. (١٤) حضرت خواجه شريف زنداني. (١٥) حضرت خواجه عثمان هاروني. (١٦) حضرت خواجه معين الدين چشتي.

برصغير پاڪ و هند ۾ حضرت خواجه معين الدين چشتي هن سلسلي کي ڦهلايو، اسلام جي تبليغ ڪئي، ۽ ماڻهن جي روحاني اصلاح ڪئي.

### حضرت خواجه معين الدين چشتي:

هي بزرگ سجستان ۾ تولد ٿيو، ۽ خراسان ۾ تربيت حاصل ڪيائين. سندس والد بزرگوار خواجه غياث الدين حسن نيڪ طبيعت ۽ پرهيزگار شخص هو. ان جي وفات بعد اتي جي هڪ بزرگ ابراهيم قندوزي کان روحاني فيض پرايائين. ان کان پوءِ مال اسباب وڪڻي، پيسا فقيرن ۾ ورهائي، سير و سفر تي نڪري پيو. ڪجهه وقت سمرقند ۽ بخارا ۾ رهي تعليم حاصل ڪيائين. ان کانپوءِ عراق عرب ڏانهن رخ ڪيائين، ۽ نيشاپور جي پسگردائيءَ ۾ ”هرون“ نالي ڳوٺ ۾ پهچي، ٻه اڍائي سال حضرت عثمان هردني (وفات ٦١٧هه) جي خدمت ۾ رهيو. ان کان روحاني فيض پرائي، خلافت جو خرقو ڏنائين. اتان بغداد طرف روانو ٿيو. ”سنجار“ نالي

ڳوٺ ۾ پهچي شيخ نجم الدين ڪبري (شهادت ٦١٠هه) جي صحبت ۾ اٽڪل ڇهه مهينا رهيو. اتان جيل ۾ آيو ۽ حضرت سيد عبدالقادر جيلاني سان مليو. ان جي صحبت ۾ رهي، بغداد آيو ۽ حضرت شيخ ضياءُ الدين جي صحبت ۾ ڪجهه وقت رهيو. بغداد ۾ شيخ اوحد الدين ڪرماني، حضرت خواجه صاحب کان روحاني فيض حاصل ڪيو. انهيءَ ئي زماني ۾ حضرت شيخ شهاب الدين عمر سهروردي بہ ڪانئس روحاني فيض پرايو.

سير و سفر ڪندو حضرت خواجه صاحب بغداد کان همدان آيو ۽ اتان تبريز پهتو. اتان ئي خرقان آيو. ان کانپوءِ "سبزوار" آيو. اهڙيءَ طرح سير و سفر ڪندو، بزرگن سان ملاقاتون ڪندو، لاهور آيو، ۽ حضرت خواجه علي هجويري داتا گنج بخش جي مزار جي زيارت ڪيائين. مؤرخن جو اندازو آهي، تہ حضرت خواجه صاحب سنہ ٥٨٧هه کان ٥٨٨هه ۾ لاهور ۾ آيو. لاهور کان دهلي آيو، ۽ اتي ٿورو وقت رهي، اجمير طرف روانو ٿيو. اجمير ۾ پنهنجي خانقاهه قائم ڪيائين. سندس تبليغ سبب ڪيترائي غير مسلم، ايمان جي روشني سان منور ٿيا. اهڙيءَ طرح برصغير پاڪ و هند جي سرزمين ۾ اسلامي تبليغ ۽ روحاني فيض جو سرچشمو قائم ڪري، سنہ ٦٣٢هه يا ٦٣٣هه ۾ وفات ڪيائين. اجمير شريف ۾ روضو مشهور زيارتگاهه آهي.

حضرت خواجه صاحب جي خليفن ۾ ٻہ بزرگ خاص طرح سان قابل ذڪر آهن: شيخ قطب الدين بختيار ڪاڪي ۽ شيخ حميد الدين صوفي سوالي ناگوري. حضرت قطب الدين بختيار ڪاڪي دهلي ۾ چشتي سلسلي جو مرڪز قائم ڪيو، ۽ ڪيترن ماڻهن کي روحاني فيض سان مالا مال ڪري، ١٤ ربيع الاول سنہ ٦٣٣هه (١٢٣٥ع) تي وصال فرمايو. سندس خليفن مان حضرت بابا فريدالدين گنج شڪر جو تعلق سنڌ سان آهي.

## حضرت بابا فريد گنج شڪر:

حضرت بابا فريد چشتي طريقي سان منسلڪ هو، ۽ معرفت جي اعليٰ منزل تي فائز هو. سندن نالو فريدالدين ۽ لقب گنج شڪر هو. سندس ولادت جي تاريخ ۾ اختلاف آهي. سيرالاولياءِ ۽ ٻين ڪن تاريخن ٥٦٩هه ڄاڻائي آهي. سندس روضي تي ٻہ اهائي تاريخ لکيل آهي. تذڪره نگارن لکيو آهي تہ، بيعت وقت سندس عمر ١٨ سال هئي ۽ بيعت کان پوءِ ٨٠ سال زنده رهيو. انهيءَ لحاظ سان بہ سندس ولادت جي تاريخ ٥٦٩هه صحيح معلوم ٿئي ٿي؛ ڇاڪاڻ جو سندس وفات جي تاريخ اتفاق راءِ سان ٦٦٤هه آهي. سندس والد بزرگوار جو نالو مولانا جمال الدين سليمان هو ۽ ديوان چاولي مشائخ، ضلعي ملتان جا. وڏا هئا. اڃا ننڍو ئي هو تہ، سندس والد بزرگوار وفات ڪئي. سندس وفات کان پوءِ ڪيس ڳوٺ جي عالم وٽ پڙهڻ ويهاريو ويو جتان ابتدائي تعليم حاصل ڪري، وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ملتان آيو؛ جتي قرآن حڪيم حفظ ڪيائين ۽ مولانا منهاج الدين جي مسجد ۾ فقه جو مشهور ڪتاب "نافع" شروع ڪيائين. هڪ ڏينهن نافع ڪتاب پڙهي رهيو هو تہ، خواجه قطب الدين بختيار ڪاڪي مسجد ۾ نماز پڙهڻ آيو.

سندن مريدن مان ڪيترائي وڏا عارف ٿيا، جن مان حضرت نظام الدين اولياءِ دهلويءَ جو نالو قابل ذڪر آهي. ڪيتري ئي خلق خدا کي فيض ڏيڻ کان پوءِ ٦٦٤ھ ۾ وفات ڪيائون.

## سنڌ ۾ چشتي سلسلو

چشتي بزرگن جي ملفوظات مان معلوم ٿئي ٿو ته ڪي بزرگ سنڌ ۾ به آيا. حضرت خواجه معين الدين چشتي جي ملفوظات دليل العارفين ۾ آيو آهي:

”هڪ ڀيري سيوستان ۾ خواجه عثمان هارونيءَ سان گڏ سفر ڪري رهيو هوس، ته هڪ درويش شيخ صدرالدين محمد احمد سان سندس جهوپڙيءَ ۾ ملاقات ٿي، جيڪو ياد الاهيءَ ۾ مشغول هو. ڪجهه ڏينهن صحبت ۾ رهيس. مون ڏٺو ته جيڪو به آيو ٿي، روحاني دولت سان مالامال ٿي ويو ٿي. اچڻ وڃڻ وارن مانهن کي چيائين ٿي، ته درويش کي دعائے ايمان سان ياد ڪريو. جيڪڏهن اها ايمان جي سلامتيءَ سان قبر ۾ ويس، ته چڻ زندگي سجائي ٿي. جڏهن ان بزرگ موت ۽ قبر جو نالو ٻڌو، ته بيد وانگر ڏڪي ويو، ۽ سندس اکين مان پاڻي ائين وهڻ لڳو، جيئن چشمي جو پاڻي وهندو آهي. ان کان پوءِ ستن ڏينهن تائين روئندو رهيو، سو به ائين جو بيٺي پير ۽ منهن آسمان طرف ڪري. ان کي ڏسي، اسان کي به روئڻ ٿي آيو. جڏهن روئڻ کان فارغ ٿي ٿيو، ته اسان ڏانهن منهن ڪري، مخاطب ٿي چيائين ٿي: ”اي عزيزو، جنهن کي موت اچڻو هجي، ملڪالموت ان جي پويان هجي، ۽ تيز رفتاريءَ سان ايندڙ قيامت جو ڏينهن سندس پٺيان هجي، ته ان کي آرام، راحت ۽ خوشيءَ سان ڪهڙو واسطو، ۽ ان کي دنيوي ڪمن ۾ مشغول رهڻ ڪيئن جڳائي؟“

حضرت صدرالدين لڪيءَ واري جو ذڪر هن ڪتاب ۾ آيو آهي. حضرت قلندر شهباز ۽ حضرت بابا فريد جي ملفوظات ”راحت القلوب“ ۾ آيو آهي:

فرمايائون، ته ”هڪ ڀيري سيوستان طرف مسافريءَ ۾ هوس. اتي جي اوليائن ۽ بزرگن سان ملاقاتون ڪيم. هڪ ڏينهن شيخ محمد سيوستاني جي خدمت ۾ حاضر ٿيس، جيڪو ولايت جو صاحب هو. سلوڪ جي باري ۾ سائس گفتگو ٿي.“

هتي شيخ محمد مان مراد اهوئي بزرگ شيخ صدرالدين محمد احمد آهي، جنهن وڏيءَ عمر ۾ وفات ڪئي، ۽ سندس مقبرو لڪيءَ ۾ آهي.

### شيخ عارف:

چشتي بزرگن جي اچڻ ڪري، سنڌ ۾ چشتي طريقو ڪيتري قدر ڦهليو، ان جو احوال ڪونه ٿو ملي. البت سيرالاولياء (ص ١٨٤-١٨٥) مان فقط ايترو معلوم ٿئي ٿو، ته حضرت بابا فريد گنج شڪر ”شيخ عارف“ نالي هڪ بزرگ کي خلافت ڏيئي سيوستان ڏانهن موڪليو. ان بزرگ جا تفصيلي حالات ڪنهن به تذڪري ۾ موجود نه آهن. سيرالاولياء ۾ آيو آهي:

## خواجہ احمد سيوستاني:

سيرالاولياء ۾ آيو آهي، تہ هيءَ بزرگ بابا فريد گنج شڪر جو مريد هو، ۽ پنهنجي مرشد جي وضو ۽ غسل لاءِ پاڻي پري پهچائيندو هو. پاڻيءَ جون مشڪون پرينديءَ هڪ پيري سندس چيلهہ ۾ سور پيو، جيڪو حضرت بابا فريد جي هٿ گهمائڻ سان لهي ويو، ۽ آخري عمر تائين هن کي چيلهہ ۾ سور نہ پيو، توڙي جو هن جي عمر سؤ سالن تائين پهچي ويئي. ان کان سواءِ هو پنهنجي مرشد جا ڪپڙا بہ ڌوئيندو هو. سيرلاولياءَ جي مصنف وڏيڪ لکيو آهي، تہ هن جي خواجہ احمد سيوستانيءَ سان ان وقت ملاقات ٿي، جڏهن هو، سلطان محمد تغلق جي زماني ۾ اجوڌن کان غياث پور آيو هو، ۽ وڏي عرصي تائين حضرت سلطان المشائخ جي خدمت ۾ رهيو هو. مصنف لکي ٿو، تہ ان وقت خواجہ احمد سيوستانيءَ جي عمر سؤ سال هئي، پر هن جي چيلهہ ۾ ونگ نہ آيو هو. هو وڌيڪ لکي ٿو: ”مان ڪيس پنهنجي گهر وٺي آيس. ان وقت منهنجو پياءُ امير دائود ڇهن مهنن جو هو. ان کي ڪا بيماري ٿي پيئي هئي، جو کير پيڻ ڇڏي ڏنو هئائين. کيس خواجہ احمد جي اڳيان آندوسين ۽ حالت بيان ڪئي سين. بزرگ پنهنجي آڱر کي پنهنجي پيڪ لائي، ٻار جي چپن تي مهٽي. ان وقت ٻار جا چپ چرڻ لڳا. بزرگ دائيءَ کي چيو، تہ ٻار کي کير پيار. جيئن ئي دائيءَ ٻار کي پنهنجن ٿڃن سان لاتو، تہ هن ٻيو ڏائڻ شروع ڪيو، ۽ ڊوڙ ڪري ٿڃ ڏاتائين(١).“

ان کان وڌيڪ هن بزرگ جو احوال ڪونہ ٿو ملي. هن احوال مان معلوم ٿئي ٿو، تہ هي بزرگ سيوستان (سيوهڻ) جو رهاڪو هو، ۽ اجوڌن ۾ پنهنجي مرشد حضرت گنج شڪر جي خدمت ۾ وڃي رهيو هو. معلوم ٿئي ٿو، تہ هو وري سنڌ ۾ موٽي نہ آيو.

## بابا احمد بکري:

عالم، فاضل ۽ صوفي بزرگ هو، سيد نظام الدين اولياء دهلي جو خليفو هو. کانئس روحاني فيض حاصل ڪري، احمد آباد ۾ اچي رهيو. تاريخ ١٩- ذوالقعد نائين صدي هجري جي اوائل (١٥- صدي عيسوي) جي شروعات ۾ وفات ڪيائين.

## مولانا ظهيرالدين بکري:

وڏو عالم، فاضل ۽ بزرگ ٿي گذريو آهي. ان زماني ۾ نحو، فقهہ ۽ اصول فقهہ ۾ سندس مٽ ڪونہ هو. بکر مان لڏي وڃي دهليءَ ويٺو، جتي درس و تدريس جو سلسلو جاري ڪيائين. ڪيترن ئي ماڻهن کانئس علمي فيض حاصل ڪيو. مشهور عالم ۽ صوفي بزرگ

---

(١) سيرالاولياءَ اردو ترجمو ص ١٨٤-١٨٥.

آيو آهي، تہ نحو، لغت، فقه ۽ اصول فقه ۾ هن کان وڌيڪ ان زماني ۾ ڪوبہ عالم نہ هو. ڪانئس ڪيترن ماڻهن فائدو پرايو، جن مان شمس الدين محمد بن يحيٰ اوڌي ۾ هو، جنهن ڪانئس فقه ۽ اصول فقه پڙهيو (١).

## شيخ نصيرالدين محمود چراغ دهلوي:

هي بزرگ حضرت سلطان المشائخ نظام الدين اولياء جو وڏو خليفو هو. حضرت سلطان المشائخ جي وفات کان پوءِ دهليءَ جي ولايت هن بزرگ ڏانهن منتقل ٿي. پنهنجي روحاني سلسلي جو ڪم نهايت ڏکئي وقت ۾ جاري رکيو. ان وقت مطلق العنان بادشاهہ محمد تغلق جي حڪومت هئي، جنهن بزرگن، عالمن ۽ صوفين کي پنهنجي حڪمن موجب هلائڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي. اهڙين حالتن ۾ حضرت چراغ دهلوي مضبوط پهاڙ وانگر پنهنجيءَ جاءِ تي قائم رهيو ۽ همت ۽ استقلال سان ڪم ڪندو رهيو. محمد تغلق کيس ڏاڍو پريشان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هن هرڳالهہ کي صبر ۽ تحمل سان منهن ڏنو. هو سفر ۾ بہ کيس پاڻ سان ڪنيو گهمندو هو. چيو وڃي ٿو تہ هڪ ڀيري سلطان کيس پنهنجو جامہ دار مقرر ڪيو. هن سموريون ڳالهيون پنهنجي مرشد جي وصيت موجب برداشت ڪيون (٢).

سلطان محمد تغلق جڏهن ٺٽي تي اچي حملو ڪيو، تہ حضرت چراغ دهلويءَ کي سنڌ ۾ پاڻ وٽ گهرايائين. اهڙيءَ طرح هيءُ بزرگ پنهنجي مرشد پائي ۽ استاد مولانا شمس الدين جي استاد مولانا ظهرالدين بکريءَ جي وطن سنڌ ۾ آيو آهي. سيرالاولياء جي صاحب لکيو آهي، تہ جڏهن بزرگ ٺٽي جي ويجهو محمد تغلق وٽ آيو، تہ سلطان بزرگ جو اهو احترام نہ ڪيو، جيڪو کيس ڪرڻ گهربو هو. نتيجو اهو نڪتو جو سلطان کي بادشاهي تخت جي بدران تابوت جي تختي تي موٽائي پنهنجي شهر ۾ آندو ويو (٣). سنڌس مطلب هي آهي تہ ان کان ٿورو پوءِ سلطان محمد تغلق کي ٺٽي کان چوڏهن ميلن جي مفاصلي تي ٻلي ڪاڻ جي ڪري پيٽ ۾ سور پيو ۽ هن درياءَ جي ڪناري تي ٢١- محرم سن ٧٥١ (١٣٥٠ع) يا ٧٥٢هہ (١٣٥١ع) تي وفات ڪئي (٤).

حضرت محمود چراغ دهلوي جي ملفوظات "خير المجالس" جي نالي سان موجود آهي. ١٨- رمضان المبارڪ سن ٧٥٧هہ (١٣٥٦ع) تي وفات ڪيائين (٥).

---

(١) نزهة الخواطر، جلد ٢، ص ٦٦.
(٢) اخبارالاخيار، اردو ترجمو، ص ١٨٠.
(٣) سيرالاولياء، اردو ترجمو، ص ٣٩٣.
(٤) تاريخ فيروزشاهي (برني، اردو ترجمو، ص ٢٤٢) ۾ ٧٥١هہ سن آيل آهي، پر تاريخ مبارڪشاهي (اردو ترجمو، ص ٢٠٣) ۾ سن ٧٥٢هہ ڏيکاريل آهي.
(٥) اخبار الاخيار، اردو ترجمو، ص ١٨٠، تاريخ مشائخ چشت، ص ١٨٥.

## شيخ عيسيٰ:

هيءُ بزرگ حضرت خواجه غلام فريد جو وڏو ڏاڏو هو، ذات جو ڪوريجو هو ۽ سندس والد بزرگوار جو نالو يوسف هو. محترم مولانا نور احمد خان فريدي لکيو آهي ته "هي بزرگ پنهنجي زماني جو امير ڪبير هو. سن ٧٥٦هه ۾ امارت ترڪ ڪري درويشي اختيار ڪيائين، ۽ ان کانپوءِ سن ٧٥٨هه ۾ حضرت بنده نواز گيسو دراز دهلويءَ جو مريد ٿيو. بزرگ کيس خلافت جي خرقي سان به نوازيو" (١).

سيد محمد گيسودراز ابن يوسف الحسن دهلوي حضرت شيخ نصيرالدين محمود چراغ دهلويءَ جو خليفو هو. مٿي اچي چڪو آهي، ته ان ۾ حضرت شيخ نصيرالدين محمود چراغ دهلوي، محمد تغلق جي سنڌ تي حملي دوران ٺٽي آيو هو. انهيءَ ڪري شيخ عيسيٰ، حضرت گيسو دراز جو نه، پر حضرت چراغ دهلويءَ جو مريد ۽ خليفو ٿيو هوندو. ان ڪان سواءِ سن به صحيح نه آهن. محمد تغلق سنڌ ۾ سن ٧٥١هه ۾ وفات ڪئي، ۽ حضرت محمود چراغ دهلوي، سن ٧٥٧هه ۾ وفات ڪئي. انهيءَ لحاظ کان جيڪي سگهجي ٿو، ته حضرت چراغ دهلوي سن ٧٥١هه ۾ سنڌ ۾ آيو ۽ ڪجهه وقت ٺٽي ۾ رهي، موٽي ويو. ان تاريخي حقيقت جي روشنيءَ ۾ معلوم ٿئي ٿو، ته شيخ عيسيٰ سن ٧٥١هه ۾ ٺٽي ۾ حضرت محمود چراغ دهلويءَ جو مريد ٿيو.

## شيخ حسن:

حضرت شيخ عيسيٰ جي خاندان مان شيخ حسن وڏو روحاني بزرگ ٿي گذريو. هن بزرگ دولت ۽ امارت کي خيرباد چئي، درويشي اختيار ڪئي ۽ سهروردي سلسلي ۾ بيعت ٿي، روحاني مرتبو حاصل ڪيو. سندس فرزند محمد زڪريا سنڌ کي خيرباد چئي، منڪاوت (تعلقو لوڌران) ۾ رهائش اختيار ڪئي، ۽ وڏو ديني مدرسو قائم ڪيو.

مخدوم محمد زڪريا کان پوءِ سندس فرزند مخدوم نورمحمد جي ڏينهن ۾ ان مدرسي اڃا به گهڻي ترقي ڪئي، ۽ دارالعلوم جي درجي کي پهتو. مغل حڪومت جي طرفان مدرسي جي خرچ جي پورائيءَ لاءِ پنج هزار ويگها زمين ڏني وئي.

## مخدوم محمد شريف:

مخدوم نورمحمد جو پوٽو مخدوم محمد شريف بن خواجه محمد يعقوب لڏي اچي سيتپور ۾ رهيو. انهن ڏينهن ۾ مخدوم صاحب جي مريد نواب "مٺڻ خان" مٺڻ ڪوٽ نالي نئون شهر آباد ڪيو. نواب صاحب جي گذارش تي مخدوم محمد شريف لڏي اچي "مٺڻ ڪوٽ" ۾ رهائش اختيار ڪئي. مخدوم محمد شريف کي ٻه فرزند ٿيا: قاضي نور محمد ۽ قاضي محمد عاقل. ٻئي ڀائر عالم، فاضل ۽ اهلِ دل بزرگ هئا.

---

(١) ديوان فريد، جلد اول، ملتان، ص ٢٠.

حصو عرفان احمد انصاري جو ترجمو ڪيل آهي، جيڪو مولانا عبدالرحمان جي سلسلي جو مريد هو. هي اردو ترجمو ١٣٣٩هه (١٩٢٠ع) ۾ ٿيو.

هي ڪتاب مولانا صاحب ١٢٣٥هه ۾ تصنيف ڪيو. منجهس وحدت الوجود جي فڪر کي نهايت وضاحت سان ۽ فلسفيانه نوع ۾ سمجهايو ويو آهي. ابن عربي جي ڪتابن: فصوص الحڪم ۽ فتوحات المڪيه کان پوءِ وحدت الوجود بابت هي ڪتاب ئي انهيءَ علمي معيار جو آهي. ڪتاب ۾ ڪلمي جي معنيٰ تي به وڏو بحث آهي، ۽ ڪلمي جي مروج معنيٰ تي سخت تنقيد آهي. انهيءَ ڪري ان وقت جي عالمن ۾ هن ڪتاب تي وڏو چوبولو پيدا ٿيو. حضرت مولانا عبدالعزيز محدث دهلوي ڪتاب تي تنقيد ڪندي، ڪتاب جي بحث کي غلط ٺهرايو. شيخ عبدالحڪيم لاهوري هڪ رسالي ۾ علامه صاحب جي توحيد واري فڪر جو رد لکيو. شاهه اسماعيل شهيد ابن شيخ عبدالغني دهلوي هنن ٻنهي عالمن جي وچ تي ٻئي فيصلو ڪيو.

ان کان سواءِ مولانا صاحب جون ٻيون تصنيفون ۽ تاليفون به آهن، جهڙوڪ: مفتاح التوحيد، جهدالفضل، سرالانسان وغيره. اهي قلمي حالت ۾ آهن ۽ لکنو ۾ سندس درگاهه تي محفوظ آهن.

مولانا صاحب جيتوڻيڪ وجودي مشرب جو هو، تڏهن به شريعت جي اتباع ۾ ڪوتاهي نه ڪندو هو. فرمائيندو هو: ”من مقتدي فعل رسول الله صلي الله عليه و سلم و عمل آنحضرت صلي الله عليه وسلم همين بود“. آخري عمر تائين توحيد وجودي جو غلبو رهيس، پر جڏهن به هوش غالب ايندو هوس ته پنهنجي همعصر مولانا نيازاحمد جو هي شعر پڙهندو هو، جيڪو وحدت الشهودُ جو ترجمان آهي:

شهود حق طلبي از وجودِ خود بگزر
ڪه جز وجود تو اورا حجابِ ديگر نيست.

مولانا عبدالحي پنهنجي ڪتاب نزهته الخواطر (ج ٧) ۾ سندس متعلق لکيو آهي:
”هي بزرگ عالم ٻين عالمن کان نرالي طبعيت جو ماڻهو هو، مسجد جي صحن ۾ ساز ۽ سرود تي راڳ ٻڌندو هو، عالمن جي سخت منع ڪرڻ جي باوجود وجد ڪندو هو. سيدن ۽ عالمن جي بي انتها عزت ڪندو هو. امام حسن ۽ امام حسين جي نالي تي جيڪي تابوت ٺاهيا ويندا هئا، انهن جي تعظيم جو قائل هو: ۽ چوندو هو ته انهن جي اهانت نه ڪئي وڃي، ڇو ته انهن کي حسنين رضي الله عنها جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو.“

هن بزرگ جو احوال هيٺين ماخذن جي مدد سان لکيو ويو:
١- وحدت الوجود (اردو ترجمو)، ڇپايل: الله والے کي قومي دکان.
٢- مولانا عبدالحي: نزهته الخواطر، جلد ٧.
٣- محمد خصلت صابري جو مضمون، شايع ٿيل ماهنامه تاج ڪراچي، جون ١٩٦٠ع.
٤- مولاناشاهه عبدالرحمان جي سلسلي جي مريد انيس الرحمان (ڪراچي) طرفان لکي موڪليل معلومات.

# سنڌي "رسالي" جي ترتيب ۽ ان جو پس منظر

## الياس عشقي

ڪلاسيڪي سنڌي شاعرن جي ڪلام جي هڪ خاص ترتيب هوندي آهي، جنهن هيٺ گڏ ڪيل ڪلام کي "رسالي" جو نالو ڏنو ويو آهي. سوال هيءُ آهي تہ رسالو آهي ڇا؟ ڪيترن صاحبن انهيءَ سوال تي ويچار ڪيو آهي، پر اسان جي خيال ۾ رسالي جو نالو ڪو نئون نہ آهي. ان جو تعلق مسلمان مصنفن جي روايت سان وابستہ آهي. اڳوڻا مصنف پنهنجين يادداشتن کي جدا جدا صورتن ۾ ۽ جدا جدا نالن هيٺ مرتب ڪندا هئا، جنهن جو بيان هن ريت آهي:

١- جُنگ: وڏي دفتر يا ڪتاب کي چوندا هئا، جنهن ۾ ڪهڙو ڪري شعر يا ڪي ٻيا دلچسپ ۽ ضروري مواد جمع ڪري رکندا هئا. ان جو مثال مشهور فارسي شاعر صائب جو انتخاب آهي، جو هُن ٻين شاعرن جي ڪلام مان چونڊي پيش ڪيو. ان جو نالو فارسي شاعرن جي تذڪرن ۾ آيل آهي.

٢- بياض: بياض ۾ عام طور شعرن جو انتخاب هوندو هو، پر ان سان گڏ ذاتي ۽ خانداني حال، خاص خاص سن ۽ ڄمڻ مرڻ جون تاريخون، ڪن اهم حادثن ۽ واقعن بابت يادگيريون هونديون هيون. ڪڏهن ڪڏهن اهم مختصر تاريخي واقعا ۽ معلومات ۽ مجرب نسخا بہ بياض ۾ لکي محفوظ ڪرڻ جو رواج هو. سنڌ ۾ اهڙا بياض تمام گهڻا آهن.

٣- ڪشڪول: هيءُ بہ بياض جو ئي هڪ قسم آهي، فرق رڳو ايترو آهي تہ ان ۾ ڪا خاص ترتيب رکيل نہ هوندي آهي.

٤- گنج: بياض جڏهن حد کان وڏو ٿي ويندو آهي. گنج کي "گنجينہ" بہ چون ٿا. شاهہ جي رسالي کي "گنج" بہ چيو ويو آهي.

٥- تذڪرا: تذڪري جو هڪ قسم اهڙو بہ هوندو آهي، جنهن ۾ ذاتي ۽ خانداني حالات يا آتم ڪهاڻي لکندا آهن، جيئن تہ علامہ عنايت الله خان مشرقي ۽ مولانا ابوالڪلام آزاد جون آتم ڪهاڻيون آهن، انهي کي تذڪري جو نالو ڏنو ويو آهي. تذڪري جو ٻيو قسم هڪ اهڙو بياض آهي، جنهن ۾ شاعرن جي ڪلام کان سواءِ انهن جي حياتيءَ جو مختصر

خيالات جي اثر هيٺ "نيرگڻ واد" جي عقيدي جا حامي هئا ۽ سناتن ڌرم ۽ ٻين هندو مذهبي عقيدن جي بدران نانڪ پنٿي، ڪبير پنٿي ۽ دادو پنٿي خيالن جي اثر جي ڪري صوفي عقيدي جي تمام ويجهو اچي ويا هئا، تنهن ڪري آهي مسلمان صوفين جي خيالن کان متاثر ٿي، انهن جا مريد ٿيا. مسلمان صوفي اڳي ئي مذهبي مت ڀيد جي برخلاف هئا، ان ڪري تعصب کان پاڪ هڪ اهڙي فضا پيدا ٿي ويئي، جنهن ۾ رواداري ۽ مروت هئي، انسانيت سان محبت هئي ۽ هندو ۽ مسلمان امن ۽ سڪون سان زندگي گذارڻ لڳا.

شاهه لطيف اڳي ئي هندو فقيرن جي محفلن کي ڏسي چڪو هو. هو جوڳين ۽ سامين جي تمام ويجهو رهي، انهن سان دوستيءَ جو لاڳاپو قائم ڪري، انهن سان گڏ هنگلاج ۽ لاهوت لامڪان جي سفر تي ويو هو ۽ انهن جي عقيدن، خيالن، مذهبي روايتن ۽ فلسفهءِ حيات مان واقفيت حاصل ڪري چڪو هو، ان ڪري ڀٽ شاهه ۾ اچڻ کان پوءِ پنهنجو اخلاقي ۽ روحاني مرڪز قائم ڪري ويٺو ۽ عوام جي تربيت جو ڪم شروع ڪيو. اهڙا مرڪز اڳي ئي لال شهباز قلندر جي درگاهه تي سيوهڻ شريف ۾، مخدوم نوح سرور جي درگاهه تي هالن ۾، شاهه عبدالڪريم جي درگاهه تي بلڙيءَ ۾ ۽ شاهه عنايت شهيد جي درگاهه تي جهوڪ شريف ۾ قائم هئا. پر شاهه لطيف سادي ۽ پرخلوص انداز ۾ تعصب کان پاڪ هڪ اهڙو اخلاقي ۽ روحاني ماحول قائم ڪيو، جنهن جي ڪري سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ مان اچي ماڻهو جمع ٿيڻ لڳا. ڀٽ شاهه ۾ راڳ رهاڻ جو سلسلو هڪ نئين جوش ۽ ولولي سان شروع ٿيو. راڳن جي ترتيب نئين سر ڪئي ويئي ۽ راڳ رهاڻ جو سلسلو باقاعده ٿيڻ لڳو. هر جمعرات ڏينهن خاص اهتمام سان راڳ ٿيندو هو. سڄي رات محفل هلندي هئي. رات جي مختلف وقتن تي مختلف راڳن جو وقت مقرر ٿيو. آن ريت ڀٽ شاهه جو ماحول ٻين درگاهن جي ماحول کان وڌيڪ روحاني ۽ اخلاقي ٿي ويو، جتي هندو ۽ مسلمان گڏجي عقيدت سان حاضري ڏيندا هئا. مسلمان توحيدي عقيدي تي پختا ۽ ڀڳتي تحريڪ جي اثر کان آجا ٿيا. هندن ۽ مسلمانن ۾ صوفين ۽ مسلمان درويشن سان عقيدت ڏينهون ڏينهن وڌندي ويئي. رواداري ۽ محبت، امن امان ۽ انسان دوستيءَ جي اهڙي ماحول ۾ اخلاقي قدرن جو اثر عام ٿيڻ لڳو، جنهن جي ڪري ساليانه ميلن ۽ عرسن جي رونق وڌي ۽ درگاهن تي سٺي ۽ صاف ماحول جي ڪري، درگاهن ۽ صوفي درويشن جي اثر ۾ اضافو ٿيو.

اسين ڏسي چڪا آهيون ته ڀڳتي ۽ تصوف جي وچ ۾ راڳ ۽ ڪلام جي ڪري هڪ ظاهري هڪجهڙائي هئي، راڳ ۽ ڪلام ٻنهي سلسلن ۾ لازم ملزوم هئا، پر ٻنهي جي توحيدي تصور ۾ بنيادي طور فرق هو، جنهن کي اڪثر هندو صوفين به قبول ڪيو، ان ڪري جو سنڌي هندو گهڻو ڪري صوفي عقيدي جا پيروڪار ۽ نيرگڻ وادي هئا. اهڙيءَ ريت هندن ۽ مسلمانن جي عقيدن ۾ فرق تمام گهٽجي ويو هو.

# ڪردار ۽ سيرت سازي جي تعليم و تربيت

## ڊاڪٽر گل حسن لغاري

تعليم و تربيت جي سلسلي ۾، حضور عليه‌الصلواة والسلام جن فرمائين ٿا:

آڪتر مُوا اولادڪُم وَ آحسِنُوا آدابهُم

يعني: پنهنجي اولاد جو احترام ڪريو ۽ آنهن جي پرورش ۽ تربيت سهڻي نموني سان ڪريو. (ابن ماجه — ص ٢٦١ — عن ابن عباس)

اِنهيءَ حضور عليه‌الصلواة والسلام جن جي فرموده مان هيءَ مراد آهي تہ آهي، جيڪي پنهنجي اولاد جي تربيت، سهڻي نموني سان ڪرڻ چاهين ٿا، جيئن سندن اولاد باوقار ۽ باشخصيت رهي، زندگي گذاري سگهي تہ آنهن کي گهرجي تہ حضور عليه‌الصلواة والسلام جن جي قول مطابق، پنهنجي اولاد سان پيش اچن. اهو حڪم، والدين ۽ آستادن تي يڪسان لاڳو آهي، ڇو تہ آهو ٻار، جيڪو مِهر و محبت کان محروم رهجي ويو هجي ۽ شفقت و پيار جي بجاءِ درشتي ۽ سختيءَ جو شڪار رهيو هجي، سو تُندخُو، غصي وارو، بدبين، ڪينہ پرور، زود رنج وغيره جهڙين سوين ڪريل صفتن کي پنهنجو ڪري ٿو ۽ آهي ان ۾ جاڳزين ٿيو وڃن. آهو ئي سبب آهي جو تعليم و تربيت ۾، ٻار جي ”شخصيت“ جو احترام ڪرڻ تمام ضروري آهي، جيئن اڳتي هلي سندس ڪردار ۽ سيرت جي درست نموني سان رهنمائي ٿي سگهي.

يورپ جا عالم ۽ ماهر تعليم، آموزش و پرورش (Education) جي مقصد کي، هن ريت ورهائين ٿا:

١- تعليم جو مقصد ”سيرت جي تعمير“ آهي.

٢- تعليم جو مقصد آهي تہ: ”انسان کي هڪ مڪمل زندگي گذارڻ لاءِ تيار ڪيو وڃي.“

٣- تعليم اهڙي هجي جو ”هڪ تندرست جسم ۾، هڪ تندرست روح ڦوڪيو وڃي.“

٤- ”انسان جي فطرت جي اعليٰ ترين صلاحيتن کي ظاهر ڪيو وڃي.“

”سر پرسي نن“ (Sir Percy Nunn) پنهنجي ڪتاب ”تعليم، آن جا ابتدائي آصول ۽ اخذ ڪيل نتيجا“ (Education, its data and first Principles) ۾ چئي ٿو تہ تعليم جو مقصد، انسان جي انفراديت (Individuality) جي آزادانہ نشو و نما آهي.“

هتي اهو معلوم ٿئي ٿو تہ تعليم سان گڏ، تربيت کي پڻ وڏي اهميت ڏني وئي آهي ۽ تعليم مان مراد، سيرت جي تعمير آهي، جنهن جي ڪري انسان هڪ مڪمل زندگي گذارڻ جي

اسان جي سنڌي زبان جن فڪري، ٽيڪنيڪي، فارمس ۽ ڪنٽينٽس جي مرحلن مان گذري جنهن منزل تي پهتي آهي، بيشڪ پنهنجي ڌرتيءَ جي تاريخي، جاگرافيائي، سياسي، معاشي، مذهبي ۽ سماجي حالتن جو Raw material استعمال ڪيو اٿس ۽ ساڳئي وقت غير ملڪي ادب جي مختلف مذهبي ۽ فڪري رجحانن ۽ نظرين کي قبول ڪري فارم ۽ ڪنٽينٽ جا تجربا ڪندي نظر اچي ٿي. انهيءَ قسم جا تجربا اسان کي هڪٻئي جي ويجهو آڻين ٿا ۽ مضبوط رشتن ۾ ٻڌڻ ۾ مدد ڪندا.

مون کي اميد آهي ته اسان هن ڪانفرنس جي ختم ٿيڻ کان پوءِ جدا نه ٿينداسين، چوته ڪوئٽي چيو هو!

"The translator brings the whole universe together."

[سنڌي ساهت سال ڪانفرنس ۱۹۸۲ع، ڪراچي ۾ پڙهيل]



# سنڌي ۽ براهوئي زبانن جو تقابلي جائزو

عزيز الله "عزيز" بروهي

برصغير جي مختلف زبانن جي مقابلي ۾ براهوئي زبان جو دامن بلڪل محدود سمجهيو وڃي ٿو، ڇاڪاڻ تہ براهوئي لٽريچر جو دائرو ٻين زبانن جي ڀيٽ ۾ گهڻو تنگ رهيو آهي. پنجابي، سنڌي ۽ لهندا زبانون، جيڪي سنسڪرت مان گهڻو ملندڙ جلندڙ آهن، تن لاء سن ١٩١٠ع جي معلومات مطابق ست ملين ماڻهو اهي زبانون ڳالهائين ٿا. پنجابي، بهاري، بنگالي، هندي، اڙيسا ۽ آسامي زبانون توڙي رسم الخط سنسڪرت کي گهڻو ويجهيون آهن، انهن مان هندي ١٢٥ ملين جي زبان ۽ ٤٤ ملين بنگالي ڳالهائين ٿا. مرهٽي زبان جيڪا سنسڪرت مان لاڳاپو رکندڙ آهي، سا ١٨ ملين ماڻهو ڳالهائين ٿا. گجراتي ۽ راجپوتي زبانون بہ سنسڪرت مان نڪتل آهن، انڪل ٢٠ ملين ماڻهو اهي ٻوليون ڳالهائين ٿا. تامل، تيليگو، ڪانيري ۽ ملايم، چئني زبانن جو خط سنسڪرت کان ڌار آهي. انهن چئني دراوڙي زبانن جو دائرو بلڪل وسيع آهي. اتر مدراس ۾ تيليگو زبان ٢١ ملين ماڻهو ڳالهائين ٿا ۽ ڏکڻ مدراس ۾ ١٦ ملين ماڻهو اها زبان ڳالهائين ٿا. (١)

سن ١٩١١ع ۾ ڪيل آدمشماريءَ جي انگن اکرن مطابق بلوچستان ۾ جملي ست زبانون رائج آهن. اتي ١٤٥٢٩٩ ماڻهو براهوئي ڳالهائين ٿا ۽ سڄي ايشيا ۾ براهوئن جو تعداد ٽي لک آهي. ٻي زبان بلوچي آهي، جنهن ۾ ٢٣٢٩٨٧ ماڻهو ڳالهائين ٿا. ماهرين جو خيال آهي تہ بروهي، پسماندگيءَ سبب جابلو يا ڏوراهين صحرائي بياباني علائقن ۾ رهڻ ۽ وري خصوصي طور خانہ بدوشيءَ سبب قريب قريب سندن اڌ حصو مردم شماريءَ کان رهجي ويو ۽ هن وقت ايشيا ۽ مشرق وسطيٰ کي ڇڏي، رڳو سنڌ بلوچستان ۾ ئي بروهين جو تعداد انڪل پنجاهہ لک آهي. پشتو يا افغاني، بلوچستان جي ٢٢٧٥٥٣ رهاڪن جي ۽ سنڌي ٥١٨٧٥٧ ماڻهن جي زبان آهي. هن وقت بہ اتي آدمشماري توڙي پکيڙ جي حساب سان سنڌي زبان سڀ کان اڪثريتي ۽ پهريون نمبر زبان آهي. ضلعي نصيرآباد، ڪڇي، سبي وبندي ڪوئٽا مستونگ ۾ هيءَ زبان ڳالهائي وڃي ٿي. لس ٻيلو مڪمل سنڌي علائقو آهي. جهلاوان جا ماڻهو اڌ ٽي سنڌي ڳالهائيندا آهن. قلات، خضدار، سوراب ۽ پندراڻ وغيره جا براهوئي تہ سنڌيءَ مائل سرائڪي ڳالهائيندڙ آهن. سبي ۽ ڪڇيءَ جي سنڌيءَ کان جهلاواني سنڌيءَ جو لهجو گهڻو مختلف ۽ عجيب و غريب ۽ نهايت پيارو لڳي ٿو. سن ١٩١١ع جي رپورٽ موجب سنڌيءَ مائل

تلاءَ ۾ پٿر ڪريو. پاڻيءَ جون لهرون اُٿيون، ۽ چئني طرفن ڊوڙندي وڃي ڪناري سان ٽڪريون. پاسي ۾ هڪ وڻ هو، اَن جي سڪل پن کي به جوش آيو. اَن به ڪٽي پاڻ اُڇلايو، ليڪن تلاءَ ۾ نه لهرون اٿيون نه ڪو آوازئي آيو. ساه ڏسي رهيو هوس. ڪلي چيومانس: "بيوقوف نه ٿيءُ، پن! دنيا ۾ اهوئي حرڪت پيدا ڪري سگهي ٿو، جو پاڻ ۾ وزن رکي ٿو!" پن شرمندو ٿي پاڻيءَ ۾ ٻڏي ويو.

— خليل جبران

ڪهاڻيون

انسان ۽ ان جي سماجي زندگيءَ جي هر پهلوءَ جي ترجماني جيتري افساني ۾ ٿي سگهي آهي، اوتري نه شعر ۾ نه تاريخ ۾.

افسانو انسان جي ڪنهن نه ڪنهن جذباتي عمل ۽ رد عمل جي اهڙيءَ ته سادي ۽ سولي تصوير ٿو پيش ڪري، جنهن ڪان پڙهندڙ جو ذهن هر حال ۾ متاثر ٿئي ٿو. ائين ٿيڻ سان، ان تاثر جو سلسلو وسيع ٿيندي ٿيندي، انساني حيات جا بيا به ڪيترائي حصا ۽ شعبا پنهنجي گرفت ۾ آڻي ٿو. ايتري قدر جو پڙهندڙ پاڻ کي ان معاشري جو اهڙو جزو سمجهڻ شروع ڪري ٿو، جو سمجهي ٿو ته اهي سڀ حالات چڻ ته مٿس ئي گذري رهيا آهن.

انڪري، ائين چوڻ ۾ ڪوبه مبالغو ڪونه آهي ته فرد ۽ معاشري کي اگر ڪا صنف ۽ ڪو فن پنهنجائپ جي ڏوريءَ ۾ ٻڌي سگهي ٿو ته پوءِ اهو آهي 'افسانه نگاري'.

— غلام محمد "گرامي"

اهو ساڳيو ئي انسان هر روز ۽ هر صبح گهر جي چائنٺ ڇڏڻ کان اڳ لڙڪن جي راند سان پٿر جي مورتي ۽ مرڪن جي راند سان ٻهڪندڙ گلاب ٻنجي ويندو آهي. هن کي ڏسي سوچيندي آهيان تہ جيڪڏهن دنيا جي هرهڪ انسان کي ساڄن جيان پناهہ جي جاء ملي وڃي. دنيا جو هرهڪ مرد ساڄن جيان مڪمل ۽ ڪامل ٿي وڃي تہ انسانيت جي چهري تان اڻ ڳڻين گناهن جا داغ ائين مٽجڻ لڳن، جيئن جبل جي چوٽيءَ تي پيل برف سج جي گرمي ۾ ڳرندي ۽ پگهربي رهندي آهي. پر لڙڪن واريون اکيون ۽ مرڪن وارا چهرا انسان ڪٿان آڻي؟



تڏهن ايندي هئي، جڏهن پنهنجا پراڻا آلبم کڻي ڪراچيءَ جون يادگيريون تازيون ڪندو هئس. ڊسوزا هائوس ۾ پڻ ڪرسين تي ويٺل جوڙي لاءِ ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو هئس ته ”جي ان جوڙي مان ڪوبه هڪ...“ ان تڪليف ڏيندڙ خيال کي ذهن مان تڙي پنهنجن خيالن جو رخ ٻئي طرف تبديل ڪري ڇڏيندو هوس.

آفتاب جي ڀاءُ نعيم جي شاديءَ جو سڏ هو. باوجود سرڪاري ڪم جي گهڻائيءَ ۽ ضروري هئڻ جي، ٽن ڏينهن جي موڪل وٺي ڪراچيءَ پهتس. پهريان ٻه ڏينهن ته آفتاب جي ٻلي هئا، البت ٽئين ڏينهن تي آفتاب جي ٿي ڪار تي ڊسوزا هائوس جو رخ ڪيم. هائوس اڄ گرانٽ ود جي اڌوري تصوير جي ڏِک ڏيئي رهيو هو، جنهن ۾ عورت ته موجود هئي، پر مرد غائب.

پورچ ۾ رکي هڪ ڪرسي پيل هئي.





سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ڪيل جڳ مشهور مستشرقہ پروفيسر ڊاڪٽر انيمري شمل جي انگريزي ڪتاب "Pearls from the Indus" جي رونمائي جي تقريب جي موقعي تي ورتل تصوير. (ڪراچي، ١٠- نومبر ١٩٨٦ع) ساڄي کان علامه غلام مصطفيٰ قاسمي، چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ، پروفيسر ڊاڪٽر انيمري شمل، جناب اختر علي جي. قاضي، صوبائي وزير تعليم، ثقافت، قانون، پارليماني معاملا ۽ رانديون، ۽ جناب مسعود نبي نور، چيف سيڪريٽري سنڌ.

ڪمشنر صاحب ٻڌايو ته سينٽر جون موجوده عمارتون ١٩٦١ع ۾ ٺهي راس ٿيون هيون، جيڪي هن وقت جي ضرورتن جي لحاظ کان ناڪافي آهن. هن صاحب آڊيٽوريم جي ديوارن تعمير ڪرڻ جي ضرورت بيان ڪندي گهر ڪئي ته ڀٽ شاهه ۾ جديد طرز جو هڪ وسيع آڊيٽوريم تعمير ڪرڻ لاءِ سنڌ سرڪار مالي امداد ڏئي. ڪمشنر صاحب آخر ۾ گورنر صاحب ۽ مهمانن جو شڪريو ادا ڪيو.

سينٽر جي اعزازي سيڪريٽري ۽ ڊائريڪٽر ڪلچر سنڌ جناب عبدالحميد آخوند، محفل موسيقيءَ جي آغاز جو اعلان ڪندي ٻڌايو ته اڄ اسان جا ٻه عظيم فنڪار، ٻه دوست، هن جهان ۾ موجود ناهن، جن جي ڪمي سدائين محسوس ٿيندي رهندي. آخوند صاحب چيو ته فقير عبدالغفور ۽ مائي ڀاڳي هن سال گذر ڪري ويا آهن، جن جون موسيقيءَ ۾ ڪيل خدمتون اهلِ سنڌ کي هميشه ياد رهنديون.

بعد ۾ موسيقيءَ جي هڪ شاندار محفل منعقد ٿي، جنهن ۾ علڻ فقير، غوث بخش بروهي، حسين بخش خادم، مهتاب بلوچ ۽ پارٽي، عبدالواحد جمالي ۽ پارٽي، الهه بچايو کوسو ۽ عابده پروين حصو ورتو.

ان کان پوءِ گورنر سنڌ، شاهه صاحب جي رسالي جي انگريزي ترجمي جي پڌرائي ڪئي، جيڪو ڀٽ شاهه سينٽر شايع ڪيو آهي. ياد رهي ته آغا محمد يعقوب صاحب جي ڪيل ترجمي جو اهو ٢ ۽ ٣ ڀاڱو آهي. ان جو پهريون ڀاڱو، سينٽر طرفان گذريل سال عرس جي موقعي تي پڌرو ڪيو ويو هو. گورنر سنڌ، هن نئين اشاعت جي دلپذير انداز سان پڌرائي ڪئي.

گورنر سنڌ، ليفٽيننٽ جنرل (رٽائرڊ) جهانداد خان پنهنجي صدارتي تقرير ۾ ٻڌايو ته حضرت شاهه صاحب جو ڪلام پيار، امن، محبت ۽ ڀائيچاري جو سبق ڏئي ٿو، جيڪي ڳالهيون اسلام جو روح آهن ۽ پاڪستان جي ڪلچر، تصور ۽ نظريي جو محور آهن. هن صاحب نوجوانن کي تلقين ڪئي ته لطيف سائينءَ جو عرس، "تجديد جي ڏينهن" جي معنيٰ ۾ ملهائين.

گورنر صاحب ٻڌايو ته سينٽر لاءِ ماضيءَ ۾ سنڌ سرڪار جيڪا امداد پئي ڏني آهي، سا اڃا "شروعات" آهي ۽ اسان سينٽر کي اڃا تمام گهڻو مستحڪم ڪنداسين. ثقافت محڪمي جي اهميت تي زور ڏيندي گورنر صاحب چيو ته "اهو سنڌ سرڪار جو هڪ تمام اهم ڊپارٽمينٽ آهي." هن صاحب سنڌي ادبي بورڊ جو ذڪر ڪندي چيو ته قاسمي صاحب جي سربراهيءَ ۾ ان جي نئين تشڪيل ڪئي ويئي آهي.

گورنر سنڌ، ورندڙ سال ١٩٨٧ع لاءِ تجويز ڏني ته ان کي "لطيف سال" قرار ڏنو وڃي، جيئن حضرت شاهه صاحب تي تحقيق ۽ اشاعت ۽ ان جي پيغام کي عام ڪرڻ لاءِ خاص موقعو ميسر ٿي سگهي. هن صاحب چيو ته سنڌ سرڪار، سينٽر کي بنا ڪنهن رڪاوٽ جي امداد جاري رکندي ۽ آڊيٽوريم جي قيام لاءِ پڻ مدد ڪندي.

# سنڌي ادبي بورڊ
# جا شايع ڪيل چند نوان ڪتاب

---

| | | |
|---|---|---|
| ۱- شاهه جو رسالو | علامه آءِ. آءِ. قاضي | (سيڪنڊ ايڊيشن، سؤ رپيا) |
| ۲- Pearls from the Indus. (Studies in Sindhi Culture) | ڊاڪٽر اليمري شمل | (۱۲۵-۰۰ رپيا) |
| ۳- سنڌي سينگار شاعري | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | سفيد ڪاغذ ۴۵-۰۰ رپيا<br>سادو ڪاغذ ۴۰-۰۰ رپيا |
| ۴- تذڪره مشاهير سنڌ | مولانا دين محمد وفائي | سفيد ڪاغذ ۴۵-۰۰ رپيا<br>سادو ڪاغذ ۴۰-۰۰ رپيا |
| ۵- SIND - A General Introduction. (ٻيون ڇاپو) | ايڇ. ٽي. لئمبرڪ | ڊيلڪس ايڊيشن ۹۰-۰۰ رپيا<br>شاگرد ايڊيشن ۷۰-۰۰ رپيا |

---

